آن لائين
# ڪاوش
# دنيا
آچر 17 مئي 2026ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya




## ڳالهيون اڃا ڳُجهه آهن


**هِن پرچي جا ليکڪ**

بيدل مسرور بدوي
ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير
طارق قريشي
امتياز ابڙو
عرفان هارون
الهه بخش راڻوڙ
سائره صلاح الدين پنهور
ڄام آدرش
الطاف ابڙو
عثمان عبدالله مورائي

**شاعري**

سقراط سيتائي (شبير سومرو)
امر ساهڙ، انور سانول،
ممتاز علي ٽرواسي،
امتياز عادل سومرو،
نماڻو صديق مهيسر،
قاسم خاصخيلي،
شيخ نديم، مُڪيش راجا سُوٽهڙ،
عارف چانڊيو، مهر فقير ۽
دوست علي احمداڻي




## صدارتي ايوارڊ ماڻيندڙ شخصيتون

### آمريڪي صدر ٽرمپ جو چين جو دورو:

# ڳالهيون اڃا ڳُجهه ۾ آهن



**الهه بخش راڻوڙ**

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي مخالف ملڪ _ چين جو ٻن ڏينهن وارو دورو، اربع ۽ خميس _ 13 ۽ 14مئي تي ڪيو. هن جي ملاقات چيني صدر زي جن پنگ سان 14 مئي تي ٿي. ان دوري جي پڄاڻي تي نه ڪو پڌرنامو جاري ڪيو ويو، ن ئي اهو ٻڌايو ويو ته. ٻنهي، عالمي طاقت وارن ملڪن جي سربراهن جي وچ ڪهڙا ناهه ٿيا. ڪجهه رپورٽن ۾ ٽرمپ جي دوري کي ناڪام، ته ڪن ۾ اسٽريٽجڪ سهڪار ۾ اهم قدم قرار ڏنو پيو وڃي، پر جن معاملن تي ڳالهيون ٿيون، انهن ۾ ظاهري طور تي ڪا به وڏي اڳڀرائي سامهون ناهي آئي.

ايترو ضرور ٿيو ته ٽرمپ جي چيني هم منصب زي جِن پنگ سان اهم ملاقات ٿي ۽ علائقي جي تڪراري معاملن، ايران ۽ تائيوان جي حوالي سان ڳالهيون ٿيون. انهن ڳالهين دوران چين ٽرمپ کي اهڙيَ ڪا به خاطري نه ڪرائي، جنهن کي اڳڀرائي قرار ڏئي سگهجي. جيڪڏهن ان ملاقات کي ٻن حصن ۾ ورهائجي ته پهريون حصو ايران، تائيوان ۽ هرمز لنگهه جي کولڻ تي ٻڌل هو، ۽ ٻيو ٽيڪنالوجي جي فراهمي ۽ فوجي يا اسٽريٽجڪ معاملن جي حوالي سان هئو.

ٽرمپ ۽ شي جِن پنگ جي وچ ۾ ملاقاتن ڪانپوءِ چيو ويو يا ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي وزارتن جي پڌرائيءَ ۾ واضح ڪيو ويو ته، لاڳاپن ۾ استحڪام ۽ ڇڪتاڻ گهٽائڻ تي زور ڏنو ويو، پر ڪو به بريڪ ٿرو يا تاريخي اعلان نه ڪيو ويو. ملاقات دوران ٽرمپ، چيني صدر کي چيو ته هو ايران تي پنهنجو معاشي اثر و رسوخ استعمال ڪري. هن چاهيو پئي ته چين، ايران کي ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ تي راضي ڪري. جڏهن ته زي جن پنگ وري صرف جنگبندي، صبر ۽ استحڪام جي حمايت ڪئي، پر ايران تي دٻاءَ وجهڻ جو ڪو به واعدو نه ڪيو.

هِنن ٻنهي سربراهن ۾ هرمز لنگهه جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ٿي. چين رڳو عالمي واپار ۽ تيل جي فراهمي لاءِ ساموندي رستا کليل رکڻ تي زور ڏنو، جڏهن ته ٽرمپ اشارو ڏنو ته چين، ايراني تيل جي رسد کي برقرار رکڻ چاهي ٿو.

جنهن اهم علائقائي معاملي تي ٻنهي ڌرين جي نرڙ ۾ گهنج اچي ويا، اهو تائيوان جو معاملو هو. زي جِن پنگ خبردار ڪيو ته تائيوان جو مسئلو ٻه طرفن لاڳاپن کي خطرناڪ سطح تائين وٺي وڃي سگهي ٿو. آمريڪي عملدارن تائيوان خلاف طاقت جي استعمال جي مخالفت ورجائي. ٽرمپ تائيوان لاءِ هٿيارن جي پيڪيج تي واضح جواب ڏيڻ کان پاسو ڪيو، جنهن سان غير يقيني واري صورتحال جيئن جو تيئن برقرار رهي.

آمريڪي صدر واشنگٽن پهچڻ تي هڪ ٽي وي چينل کي ڏنل انٽرويو ۾ چيو ته ممڪن آهي ته، هُو تائيوان کي هٿيار فراهم ڪري. ٿي سگهي ٿو ته نه ڪري. مطلب ٻڌتر واري صورتحال برقرار رکي وئي. ان جي ابتڙ چين چيو ته، تائيوان ان جي قومي ۽ فوجي پاليسيءَ ۾ انتهائي اهميت رکي ٿو. اها به حقيقت آهي ته تائيوان کي جيترو چين، آمريڪا سان لاڳاپا قائم رکڻ جي اجازت ڏني، ان جي جاءِ تي روس هجي ها ته گهڻا سال اڳ تائيوان، چين جو حصو بڻجي چڪو هجي ها، يا وري پورا پورا ٿي وڃي ها. اهو ساڳيو ڪيس يوڪرين ۽ روس جو آهي. جنهن وقت آمريڪا ۽ ان جي فوجي اتحاد _ نيٽو يوڪرين کي پنهنجي پاسي آڻڻ چاهيو ته روس اعتراض واريو ته، اهو قدم روس جي سلامتي لاءِ خطرناڪ هوندو. ان ڪانپوءِ جنگ شروع ٿي وئي.

ساڳئي ريت جيڪڏهن آمريڪا، تائيوان ۾ وينل آهي ته، ان سان چين جي قومي سلامتي متاثر ٿئي ٿي. آمريڪا، ڪنهن به ملڪ يا پرڳڻي ۾ خاموشي سان نه ويهندو آهي، پر هو پنهنجي هٿيارن جي منڊيءَ کي هٿي ڏيڻ ۽ جاسوسي جو نيٽ ورڪ قائم ڪندو آهي، جيئن لاڳاپيل ملڪ سان گڏ علائقي جي سمورن ملڪن کي لڳاتار تنگ ڪري سگهجي.

آمريڪي صدر ٽرمپ جي دوري جو ٻيو حصو واپار ۽ ٽيڪنالوجي سان جڙيل هو. ٻنهي ملڪن جي سربراهن ۽ عملدارن واپاري سهڪار وڌائڻ تي زور ڏنو، پر ڪو به واپاري ناهه نه ٿيو. ٽرمپ ، چين سان گڏ سموري دنيا جي ملڪن تي جيڪي ٽيرف لاڳو ڪيا هئا، انهن بابت هن ملاقات ۾ ڳالهه ٻولهه نه ٿي. انهن ٽيرفس کان گهڻو متاثر چين ٿيو هو. اهوئي سبب آهي جو چين جوابي ٽيرف لاڳو ڪرڻ جو اعلان به ڪيو هو. آمريڪا جي ان قدم سان چين جي جوابي وار سبب معاملو وڌيڪ الجهي ويو هو.

ملاقاتن ۾ سپلاءِ چين ۽ ٽيڪنالوجي تي پابندين تي ڪا به واضح اڳڀرائي سامهون نه آئي. ٽرمپ رڳو ايترو اشارو ڏنو ته اهو ايراني تيل خريد ڪندڙ ڪجهه چيني ڪمپنين تي لاڳو پابندين کي نرم ڪري سگهي ٿو. هن اها ڳالهه واشنگٽن پهچڻ ڪانپوءِ به ڪئي. ٽرمپ سان مسئلو اهو آهي ته هن جي چونڊيل ايوانن سان گڏ عوامي سطح تي مقبوليت ۾ تمام گهڻي گهٽتائي آئي آهي. ٽرمپ، آمريڪا جي غير مقبول صدرن جي صف ۾ شامل ٿي ويو آهي. جڏهن ته چين سان به معاملا طئي نه ٿيا ته ايندڙ وچ مدي وارين چونڊن ۾ سندس پارٽي مشڪلاتن جو شڪار ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته صدر جي خلاف مواخذي يا آڏي پڇا جي رٿ به ايوان ۾ اچي سگهي ٿي.

> **ڪلهه، ڇنڇر ڏينهن چين جي صنعتن واري وزارت هڪ بيان ۾ چيو آهي ته چين ۽ آمريڪا هو واپار ۽ ڪامرس ۾ سهڪار ڪرڻ وارين مثبت ابتدائي ڳالهين تي پهتا آهن. انهن ٻنهي ڌرين ٻه طرفو واپاري سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو، جنهن ۾ زرعي شيون به شامل آهن.**

سفارتي حلقن جو چوڻ آهي ته، ٻنهي صدرن جي وچ ۾ توڙي جو دوستاڻي ماحول ۾ ڳالهيون ٿيون، پر بنيادي اسٽريٽجڪ مفادن جي حوالي سان اختلاف برقرار رهيا. ان حوالي سان ايران، تائيوان ۽ علائقائي اثر و رسوخ ذڪر جوڳا آهن. تجزئي نگارن جو خيال آهي ته آمريڪا ۽ چين جا لاڳاپا هاڻ سرچاءَ کان وڌيڪ اسٽريٽجڪ مقابلي جي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن. هنن ملاقاتن جو مقصد هاڻ وڏا ناهه ڪرڻ بدران ڇڪتاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ، رابطا وڌائڻ ۽ بحران کي ڦهلجڻ کان روڪڻ آهي. ائين به چئي سگهجي ٿو ته انهن ملاقاتن ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن ۾ اسٽريٽجڪ يا فوجي ٽڪراءَ واضح ٿي ڪري سامهون اچي ويو آهي.

آمريڪي صدر، واشنگٽن پهچڻ ڪانپوءِ چين جي قيادت کي چري، بددماغ ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه چيو، جنهن مان هن جي نفرت ظاهر ٿي پئي. هن اهو به چيو ته، اسان بمباري ڪري ايران جي پهرين ۽ ٻئي جوڙ واري قيادت کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، هاڻ ٽيون نمبر قيادت آهي، جيڪا پهريان واري جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ انتهاپسند آهي.

ان جي جواب ۾ ايران جي روحاني اڳواڻ چيو ته، آمريڪي حملن ڪانپوءِ ايران وڌيڪ طاقتور ٿي ويو آهي ۽ مزاحمت جي سگهه کي وڌيڪ وڌايو ويندو. آمريڪي صدر، آمريڪا جي راڄڌاني ۾ اهو به چيو ته، جيڪڏهن ايران پنهنجو ايٽمي پروگرام ايندڙ ويهن سالن تائين ملتوي ڪري ڇڏي ته بهتر ٿيندو ۽ ان کي يورينيم جي رچاءَ يا ايٽمي بم ٺاهڻ جي اجازت ڏئي نٿي سگهجي. ايراني قيادت ان جي جواب ۾ چئي رهي آهي ته اها ٽرمپ جي دٻاءَ ۾ نه ايندي ۽ پنهنجي ملڪ جي مفادن جو تحفظ ڪندي رهندي.

ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر هي اعتراف ڪيو ته هنن ايران کي مڪمل طور تي تباهه ڪرڻ چاهيو ٿي، پر پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن جي چوڻ تي جنگبندي جو اعلان ڪيو، جيڪو هينئر به جاري آهي، پر ان جي صبر جو پيمانو ڇلڪي رهيو آهي.

ٽرمپ جي ڌمڪين مان سمجهي سگهجي ٿو ته هو ايران کي ٻيو وينزويلا سمجهي ٿو. ايران ۾ سوين خرابيون هونديون، پر اهو آمريڪا اڳيان گوڏا کوڙڻ جي پوزيشن ۾ ناهي. آمريڪي صدر هاڻ به پوزيشن وٺي رهيو آهي ته ايران جنگ ۾ مات قبول ڪرڻ جو اعتراف ڪري، جڏهن ته ايراني قيادت سميت سموري دنيا اهو چئي رهي آهي ته جنگ ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل کي شڪست آئي آهي. انهن جي لک ڪوشش، بمباري ۽ تباهي جي باوجود ايران دنيا جي گولي تي ستاري جيان چمڪي رهيو آهي.

سمجهي سگهجي ٿو ته چين واضح طور تي آمريڪا کي ايران خلاف جنگ ۾ ڪلين چِٽ نه ڏني ۽ اهو به نه چيو ته، ڪو هو ايران تي دٻاءُ وجهندو ته اهو گوڏا کوڙي. جيستائين هرمز لنگهه جو واسطو آهي ته اتان گذرندڙ جهازن تي ايران جيڪو ٽيڪس لاڳو ڪيو آهي، ممڪن آهي ته ان کي مناسب حد تائين گهٽايو وڃي. ان سان گڏ اهو به خطرو برقرار رهندو ته ايراني نارمان آمريڪا ۽ ان جي اتحادين جيڪڏهن ايران خلاف هٿيار جمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ايران پنهنجو ردعمل ڏيندو.

هرمز لنگهه جو جنهن ڏينهن کان ايران ڪنٽرول سنڀاليو آهي، ان ڏينهن کان علائقي جي، خاص ڪري آمريڪي اتحادين کي خوف وڪوڙي ويو آهي ۽ آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ جي فوجي خرچن ۾ به تمام گهڻو اضافو ٿي ويو آهي. ايراني نار اصل ۾ ايراني سرحدن جو حصو آهي. ان تائين رسائي ايران جي وڌيڪ آهي. آمريڪا ته هزارين ڪلوميٽر پري آهي، پر پنهنجن اتحادين ۽ سينٽ ڪام جي ذريعي پنهنجي موجودگي جو احساس ڏياري رهيو آهي.

اها به حقيقت آهي ته آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ويڙهه ۽ ڇڪتاڻ سبب تيل جي رسد متاثر ٿي آهي، جنهن سبب تيل جي قيمتن ۾ ريڪارڊ اضافو ٿي چڪو آهي. جيستائين چين جو واسطو آهي ته اهو پهريان به ايران کان 40 سيڪڙو تيل جو خريدار هو، ۽ هاڻ به آهي. آمريڪا ۽ ان جي اتحادين جي خلاف ايران کي ٽيڪنالوجي فراهمي به چين ڪري رهيو آهي.

چين نه چاهيندو ته هي علائقو فوجي ۽ معاشي لحاظ کان عدم توازن جو شڪار ٿئي ۽ آمريڪا اڪيلي ڪيڏاري طور اننگز ڪيڏندو ۽ ايران سميت خطي جي سمورن ملڪن کي پنهنجين آڱرين تي نچائيندو رهي. ■




Photo Illustration_ Eniola Odetunde. Photos via Mikhail Svetlov_Getty Images

# ولاديمير پيوٽن: جاسوس کان روس جي سربراهه ٿيڻ تائين

1968 ع جو سال آهي، جڏهن لينن گراڊ (هاڻوڪي سينٽ پيٽرس برگ) جو هڪ سنهڙو نوجوان ڪي جي بي (KGB) جي هيڊ ڪوارٽر جي ڳري، ٿلهي دروازن کي کڙڪائي ٿو ۽ اهڙو سوال پڇي ٿو، جنهن مستقبل جي رخ کي موڙي ڇڏيو: ”هتي ڪم ڪرڻ لاءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟“

اتي موجود آفيسر جواب ڏنو: ”قانون جي ڊگري حاصل ڪر.“

ان نوجوان ڪڏهن به پوئتي نه ڏٺو. هو 1952 ع ۾ هڪ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو، جنهن پنهنجي ٻن وڏن ڀائرن کي پنهنجي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي وڃائي ڇڏيو هو. هڪ ڀاءُ ته ٻيارڪ هوندي ئي گذاري ويو هو ۽ ٻيو لينن گراڊ جي خوفناڪ گهيري جو شڪار ٿيو هو. سندس پيءُ جنگي زخمن جا نشان کڻي جيئرو رهيو هو ۽ ماءُ فيڪٽري ۾ ڪم ڪندي هئي. غربت ۽ سختين کيس ننڍپڻ کان ئي ويڙهاڪ بڻائي ڇڏيو هو.

مارشل آرٽس (جوڊو) کيس نظم ۽ ضبط سيکاريو، جڏهن ته جاسوسي فلمن سندس اندر هڪ خواب پيدا ڪيو. سندس پورهيو ساپ ويو ۽ 1975 ع ۾ يونيورسٽيءَ مان فارغ ٿيڻ شرط ئي هو انهن ٿورڙن خوش نصيبن ۾ شامل ٿي ويو، جن کي ڪي جي بي ۾ شامل ڪيو ويو.

سورهن سالن تائين هو ساندهه ڪم ڪندو رهيو. پوءِ جڏهن 1989 ع آيو ۽ برلن جي ڀت ڊهي پيئي، ان دوران هن پنهنجي اکين سان سوويت يونين جي اثر ۽ رسوخ کي خاڪ ٿيندو ڏٺو. ڇيو وڃي ٿو ته هن ايتريون فائلون ساڙيون جو گرميءَ سبب فرنيس (ڀٽي) ڦاٽي وئي. ان گهڙيءَ منجهس هڪ نئين باهه ڀڙڪي پيئي.

1991 ع ۾ جڏهن سوويت يونين ٽٽو، ته هي جاسوس پنهنجي شهر واپس ويو. پنهنجي پراڻي قانون جي پروفيسر جو صلاحڪار بڻيو. ان کان پوءِ سندس ترقيءَ جو اهو سفر شروع ٿيو، جنهن جو دنيا ۾ مثال نٿو ملي. صرف اٺن سالن ۾ هو صلاحڪار کان ڊپٽي ميئر، پوءِ ماسڪو انتظاميه ۾، پوءِ انٽيليجنس چيف ۽ پوءِ وزيراعظم تائين پهچي ويو.

31 ڊسمبر 1999 ع جي اها رات جڏهن صدر بورس يلسن اوچتو استعفيٰ ڏني، ته هن اڳوڻي جاسوس کي قائم روس جو مقام صدر مقرر ڪيو ويو. ٽن مهينن بعد هن چونڊون کٽيون ۽ پوءِ اڄ ڏينهن تائين روس جو اڪيلو حڪمران بڻيل رهيو آهي.

ولاديمير پيوٽن جو چوڻ آهي ته مارشل آرٽس هن کي سيکاريو آهي ته مخالف جي ڪمزوريءَ کي ڪيئن سڃاڻجي.

جرمن ٻوليءَ تي عبور: ڊريسڊن (اوڀر جرمني) ۾ تعيناتي دوران هن جرمن ٻوليءَ تي ايتري مهارت حاصل ڪئي جو اڄ به جرمن قيادت سان بنا ڪنهن هٻڪ جي انهن جي مادري ٻولي (جرمن) ۾ ڳالهائي سگهي ٿو.

تباهيءَ جو منظر: 1989 ع ۾ جڏهن مچريل جرمن ميڙ ڪي جي بي جي آفيس تي حملي جي ڪوشش ڪئي، ته پيوٽن اڪيلي سر ساڻن مقابلو ڪيو ۽ انهن کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، ڇو ته ماسڪو کان ڪا مدد نه پهتي هئي. ان واقعي هن کي سيکاريو ته ”طاقت ئي ڪوٽ“ ڇا هوندي آهي.




ان وقت جو روسي صدر بورس ييلسن، ولاديمير پيوٽن کي 21 ڊسمبر 1999ع تي روسي آئين جي ڪاپي ڏيئي رهيو آهي.

قومي وقار جي بحالي: پيوٽن ٽٽل ۽ معاشي طور ڪمزور روس کي ٻيهر هڪ عالمي طاقت (Superpower)طور بيهاريو، جنهن ڪري هو روس سان گڏ دنيا ۾ هو اڄ به هڪ وڏي طاقتور حيثيت رکي ٿو. (عالمي ميڊيا تان ورتل) ■

اسان وٽ سال ۾ لڳ ڀڳ 300 سج وارا ڏينهن آهن

# سولر انقلاب: پاڪستان جي معاشي ترقي، روزگار ۽ ماحولياتي تحفظ جي ضمانت

عرفان هارون



اڄ جي دنيا هڪ اهڙي دور مان گذري رهي آهي، جتي توانائي رڳو ترقيءَ جي علامت نہ رهي آهي، پر معيشت، صنعت، ماحوليات ۽ قومي خودمختياريءَ جو بنيادي سهارو پڻ بڻجي ويئي آهي. دنيا جا ترقي يافتہ ملڪ هاڻي ان ڳالهہ تي ڌيان ڏئي رهيا آهن تہ هو پنهنجي توانائيءَ جون ضرورتون ڪيتري حد تائين سستي، پائيدار ۽ محفوظ ذريعن وسيلي پوريون ڪن ٿا. جنهن ملڪ وٽ توانائيءَ جا مضبوط ۽ مستحڪم وسيلا آهن، اهو ملڪ اقتصادي طور وڌيڪ سگهارو ۽ سياسي طور وڌيڪ خودمختيار سمجهيو وڃي ٿو. بدقسمتيءَ سان اسان اڃا تائين مهانگي ۽ درآمدي فيوئل تي ٻڌل بجليءَ جي نظام ۾ ڦاٿل آهيون، جنهن سبب نہ رڳو عوام تي ڳرو معاشي بار پئجي رهيو آهي، پر قومي معيشت پڻ سخت دٻاءَ جو شڪار بڻيل آهي.

سڄي دنيا ۾ هاڻي ”قابلِ تجديد توانائي“ (Renewable Energy) تيزي سان روايتي فيوئل جي جاءِ والاري رهي آهي. بين الاقوامي توانائيءَ ايجنسي (IEA) موجب 2025ع تائين دنيا ۾ لڳندڙ نئين بجليءَ جي صلاحيت جو لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو حصو قابلِ تجديد توانائي تي ٻڌل هو. رڳو سولر انرجي جي عالمي صلاحيت 2 ٽيراواٽ کان بہ وڌي چڪي آهي، جڏهن تہ چين، آمريڪا، يورپ ۽ ڀارت ان شعبي ۾ اڳيرا ملڪ بڻجي چڪا آهن. ماهرن جو چوڻ آهي تہ 2030ع تائين دنيا جي نئين بجليءَ جو لڳ ڀڳ اڌ حصو سولر ۽ ونڊ ذريعن وسيلي حاصل ڪيو ويندو.

- ماهرن جو چوڻ آهي تہ 2030ع تائين دنيا جي نئين بجليءَ جو لڳ ڀڳ اڌ حصو سولر ۽ ونڊ ذريعن وسيلي حاصل ڪيو ويندو.
- آمريڪا ۾ هن وقت 50 لک کان وڌيڪ گهرن تي سولر سسٽم نصب ٿيل آهن. آمريڪا ۾ 2035ع تائين ملڪ جي لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو بجلي سولر توانائي وسيلي حاصل ڪري سگهبي.
- 2025ع تائين چين جي سولر بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت 900 گيگاواٽ کان بہ مٿي پهچي وئي هئي.
- اڄ جرمني جي لڳ ڀڳ 52 سيڪڙو بجلي قابلِ تجديد ذريعن مان حاصل ڪئي پئي وڃي.
- جرمن حڪومت عوام کي سستا قرض، سبسڊي ۽ ٽيڪسن ۾ رعايتون ڏئي رهي آهي تہ جيئن صاف توانائي ڏانهن منتقلي کي تيز بڻائي سگهجي.
- ڀارت 2030ع تائين 500 گيگاواٽ قابلِ تجديد توانائي حاصل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو آهي. ڀارتي حڪومت ”روف ٽاپ سولر اسڪيم“ تحت گهريلو صارفين کي 40 سيڪڙو تائين سبسڊي فراهم ڪئي آهي.
- بنگلاديش سولر هوم سسٽمز وسيلي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ توانائيءَ جو انقلاب آندو آهي. هينئر تائين 41 لکن کان وڌيڪ سولر هوم سسٽم لڳايا ويا آهن.
- پاڪستان ۾ عوام پنهنجي محدود وسيلن باوجود سولر انقلاب پاڻ آڻي رهيو آهي.

سولر انرجي هن وقت دنيا ۾ سڀ کان سستي بجلي پيدا ڪندڙ ذريعن مان هڪ بڻجي چڪي آهي. بين الاقوامي رينيوبل انرجي ايجنسي (IRENA) جي رپورٽن موجب گذريل ڏهن سالن دوران سولر بجليءَ جي لاڳت ۾ لڳ ڀڳ 85 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي، جيڪا سولر بجلي 2010ع ۾ انتهائي مهانگي سمجهي ويندي هئي، اها اڄ ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪوئلي ۽ فرنس آئل کان بہ سستي ٿي چڪي آهي. انهيءَ سبب دنيا جي مختلف ملڪن ۾ گهرن، ڪارخانن، زرعي شعبن ۽ سرڪاري عمارتن تي وڏي پيماني تي سولر پينل لڳايا پيا وڃن.


آمريڪا ۾ 2025ع دوران لڳ ڀڳ 43 گيگاواٽ نئين سولر صلاحيت شامل ڪئي وئي، جيڪا ملڪ ۾ شامل ٿيندڙ نئين بجليءَ جو تقريبن 54 سيڪڙو حصو هئي. آمريڪي انگن اکرن موجب هن وقت 50 لک کان وڌيڪ گهرن تي سولر سسٽم نصب ٿيل آهن. آمريڪي حڪومت جو اندازو آهي تہ 2035ع تائين ملڪ جي لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو بجلي سولر توانائي وسيلي حاصل ڪري سگهبي. ان پاليسيءَ جي نتيجي ۾ نہ صرف بجليءَ جا خرچ گهٽ ٿيا آهن، پر لکين نيون نوڪريون پڻ پيدا ٿيون آهن. صرف آمريڪي سولر انڊسٽري ۾ تقريبن 5 لک ماڻهو روزگار حاصل ڪري رهيا آهن.

چين هن وقت دنيا ۾ سولر پينلس جي پيداوار جو لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو حصو تيار ڪري رهيو آهي. 2025ع تائين چين جي سولر بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت 900 گيگاواٽ کان بہ مٿي پهچي وئي هئي، جيڪا ڪيترن ئي ملڪن جي گڏيل بجلي پيداوار کان وڌيڪ آهي. چين پنهنجي ڪيترن ئي شهرن ۾ نئين عمارتن لاءِ سولر سسٽم لازمي قرار ڏئي ڇڏيو آهي. ان پاليسيءَ جي نتيجي ۾ چين نہ صرف توانائيءَ ۾ خودڪفيل ٿيو آهي، پر دنيا کي سستا سولر پينل پڻ فراهم ڪري اربين ڊالرس جي برآمدات پڻ حاصل ڪري رهيو آهي.

جرمني ”انرجي وينڊي“ پاليسيءَ تحت قابلِ تجديد توانائي کي قومي ترجيح بڻايو. اڄ جرمني جي لڳ ڀڳ 52 سيڪڙو بجلي قابلِ تجديد ذريعن مان حاصل ڪئي پئي وڃي. لکين جرمن شهري پنهنجي گهرن جي ڇتين تي سولر پينل لڳائي پنهنجي بجلي پاڻ پيدا ڪري رهيا آهن. جرمن حڪومت عوام کي سستا قرض، سبسڊي ۽ ٽيڪسن ۾ رعايتون ڏئي رهي آهي تہ جيئن صاف توانائي ڏانهن منتقلي کي تيز بڻائي سگهجي.

ڀارت پڻ سولر انرجي جي ميدان ۾ تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيو آهي. ڀارت 2030ع تائين 500 گيگاواٽ قابلِ تجديد توانائي حاصل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو آهي. ڀارتي حڪومت ”روف ٽاپ سولر اسڪيم“ تحت گهريلو صارفين کي 40 سيڪڙو تائين سبسڊي فراهم ڪئي آهي. هن وقت ڀارت جي سولر صلاحيت 100 گيگاواٽ کان وڌي چڪي آهي. ڀارت جي ڪيترن ئي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ اسڪول، اسپتالون ۽ زرعي ٽيوب ويل مڪمل طور سولر توانائي تي منتقل ٿي چڪا آهن.

ڏکڻ ايشيا ۾ بنگلاديش جو مثال انتهائي متاثر ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو. محدود وسيلن باوجود بنگلاديش سولر هوم سسٽمز وسيلي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ توانائيءَ جو انقلاب آندو آهي. عالمي بينڪ ۽ بنگلاديشي اداري آءِ ڊي ڪول جي سهڪار سان 41 لک کان وڌيڪ سولر هوم سسٽم لڳايا ويا، جن مان لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ ماڻهو فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. ان رٿا جي نتيجي ۾ لکين ڳوٺاڻن خاندانن کي پهريون ڀيرو




بجليءَ جي سهولت ملي آهي. بنگلاديش موجب، ان رٿا سبب هر سال لکين ٽن ڪاربن اخراج ۾ گهٽتائي آئي آهي، جڏهن تہ قومي گرڊ تي دٻاءُ پڻ گهٽ ٿيو آهي.

ٻئي پاسي پنهنجي ملڪ پاڪستان جي صورتحال انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي نظر اچي ٿي. ملڪ ۾ بجليءَ جي نصب ٿيل صلاحيت تقريبن 46 هزار ميگاواٽ کان وڌيڪ آهي، پر عملي طور پيداوار ان کان گهڻو گهٽ رهي ٿي. ان باوجود لوڊشيڊنگ، بجليءَ جي کوٽ ۽ مهانگا اگهہ هاڻي روزاني زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪا آهن. پاڪستان ۾ بجليءَ پهچڻ واري نظام ۾ تقريبن 16 کان 18 سيڪڙو تائين لائين لاسز ٿين ٿا، جيڪي هر سال اربين رپين جي نقصان جو سبب بڻجن ٿا.

پاڪستان جو گردشي قرض 2.6 ٽريلين رپين کان وڌي چڪو آهي، جيڪو قومي معيشت لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻيل آهي. آءِ پي پيز سان ٿيل ٺاهن تحت حڪومت کي ”ڪيپيسٽي پيمنٽس“ جي مد ۾ اربين رپيا ادا ڪرڻا پون ٿا، ڀلي پوءِ بجلي استعمال ٿئي يا نہ ٿئي. انهيءَ سبب بجليءَ جي اگهن ۾ مسلسل اضافو ڪيو وڃي ٿو، جنهن جو سڌو بار عوام ۽ صنعتن تي پوي ٿو.

ملڪ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ هڪ يونٽ بجليءَ جي قيمت 60 رپين تائين پهچي چڪي آهي، جڏهن تہ صنعتن لاءِ بجلي پاڙيسري ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهڻي مهانگي آهي. انهيءَ صورتحال سبب پاڪستاني صنعتون عالمي مارڪيٽ ۾ مقابلي جي سگهہ وڃائيندي پيون وڃن. ان جي ابتڙ بنگلاديش ۽ ڀارت نسبتاً سستي بجلي فراهم ڪري پنهنجي ٽيڪسٽائل ۽ برآمداتي صنعتن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي.

دلچسپ حقيقت اها آهي تہ پاڪستان ۾ عوام پنهنجي محدود وسيلن باوجود سولر انقلاب پاڻ آڻي رهيو آهي. مختلف اندازن موجب رڳو 2024ع ۽ 2025ع دوران هزارين ميگاواٽ سولر پينل درآمد ڪيا ويا. ڪراچي، لاهور، اسلام آباد، حيدرآباد ۽ فيصل آباد سميت وڏن شهرن ۾ گهرن، دڪانن، ڪارخانن، تعليمي ادارن ۽ اسپتالن ۾ تيزي سان سولر سسٽم لڳايا پيا وڃن.

افسوسناڪ ڳالهہ اها آهي تہ دنيا ۾ سولر ٽيڪنالاجي سستي ٿيڻ باوجود پاڪستان ۾ سولر سسٽم مهانگا ٿيندا پيا وڃن. درآمدي ٽيڪسن، سيلز ٽيڪس، رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي، غير مستحڪم حڪومتي پاليسين، ڊالر جي اگهہ ۾ واڌ ۽ مقامي صنعت جي کوٽ سبب سولر سسٽمن جون قيمتون وڌي رهيون آهن. هڪ عام 5 ڪلوواٽ گهريلو سولر سسٽم، جيڪو ڪجهہ سال اڳ نسبتاً گهٽ قيمت ۾ موجود هو، هاڻي ڪيترن ئي خاندانن جي پهچ کان ٻاهر ٿيندو پيو وڃي.


پاڪستان ۾ نيٽ ميٽرنگ پاليسي عوام کي سولر طرف راغب ڪيو، ڇو تہ ان نظام تحت اضافي بجلي قومي گرڊ کي وڪرو ڪري سگهجي ٿي. پر تازن سالن ۾ نيٽ ميٽرنگ قانونن ۾ تبديلين ۽ غير يقيني صورتحال عوام ۽ سيڙپڪارن ۾ بيچيني پيدا ڪئي آهي. ماهرن جو خيال آهي تہ جيڪڏهن حڪومت نيٽ ميٽرنگ کي وڌيڪ شفاف ۽ مؤثر بڻائي تہ پاڪستان ۾ سولر انرجيءَ جي ترقيءَ جي رفتار ڪيترائي ڀيرا وڌي سگهي ٿي.

پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم حقيقت اها آهي تہ ملڪ کي هر سال لڳ ڀڳ 300 سج وارا ڏينهن نصيب ٿين ٿا، جيڪي سولر انرجي لاءِ انتهائي قيمتي قدرتي نعمت آهن. سنڌ ۽ بلوچستان جا ڪيترائي علائقا شمسي تابڪاريءَ جي لحاظ کان دنيا جي بهترين علائقن جي برابر سمجهيا وڃن ٿا. ساڳئي وقت سنڌ جو ونڊ ڪوريڊور تقريبن 50 هزار ميگاواٽ تائين بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ اڃا تائين ان جو صرف هڪ ننڍڙو حصو ئي استعمال ڪيو پيو وڃي.

قابلِ تجديد توانائي رڳو بجلي پيدا ڪرڻ جو ذريعو نہ آهي، پر اها معاشي ترقي، روزگار ۽ ماحولياتي تحفظ جو بہ اهم بنياد پڻ آهي. جيڪڏهن پاڪستان وڏي پيماني تي سولر، ونڊ ۽ هائيڊرو انرجي ڏانهن منتقل ٿئي ٿو تہ نہ صرف درآمدي ٻارڻ تي خرچ ٿيندڙ اربين ڊالر بچائي سگهجن ٿا، پر لکين نيون نوڪريون پڻ پيدا ٿي سگهن ٿيون. ان سان گڏ فضائي آلودگي، دونهين ۽ ڪاربن اخراج ۾ پڻ نمايان گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي.

دنيا تيزيءَ سان صاف توانائيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي. چين، آمريڪا، جرمني، ڀارت ۽ بنگلاديش جهڙن ملڪن وقت سر فيصلا ڪري پنهنجي معيشت کي مضبوط بڻايو آهي. پاڪستان وٽ بہ سج، هوا ۽ پاڻي جي صورت ۾ بي پناهہ قدرتي دولت موجود آهي. ضرورت رڳو ان ڳالهہ جي آهي تہ حڪومت سنجيده رٿابندي ڪري، عوام کي بنا وياج جي قرض ڏيئي، سولر شين تي ٽيڪس گهٽائي، مقامي صنعت کي همٿائي ڏئي ۽ مهانگن ۽ فرسوده بجلي گهرن تي ڀاڙڻ گهٽائي.

جيڪڏهن پاڪستان اڄ قابلِ تجديد توانائي ڏانهن مضبوط قدم نہ وڌايو تہ ايندڙ سالن ۾ توانائيءَ جو بحران وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن وقتائتا ۽ درست فيصلا ڪيا ويا تہ پاڪستان نہ رڳو لوڊشيڊنگ ۽ مهانگي بجليءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو، پر هڪ مضبوط، خودمختيار، ماحول دوست ۽ معاشي طور مستحڪم مستقبل جي بنياد پڻ رکي سگهي ٿو. ■




# سائنس، تعليم ۽ اداري سازيءَ لاءِ ارپيل هڪ حياتيءَ جي جهلڪ

طارق قريشي




پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري، جن کي حڪومت پاڪستان پاران 1990ع ۾ ”ستار امتياز“ سان نوازيو ويو هو، تن 4 جنوري 1938ع تي حيدرآباد، سنڌ ۾ جنم ورتو. هو 11 مئي 2026ع تي لاڏاڻو ڪري ويا، پر پنهنجي پٺيان سائنس، اعليٰ تعليم، تحقيق ۽ علمي قيادت جي هڪ روشن ۽ مانائتي ميراث ڇڏي ويا. سندن سموري حياتي علمي سنجيدگي، قومي خدمت، اداري سازي ۽ ملڪ ۾ سائنسي ۽ تعليمي شعور جي واڌ ويجهه لاءِ وقف رهي.

ڊاڪٽر انصاري ابتدائي تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪئي ۽ 1955ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائون. ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1960ع ۾ بي ايس سي ۽ 1963ع ۾ ايم ايس سي جي ڊگري فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۽ گولڊ ميڊل سان حاصل ڪيائون. سندن غيرمعمولي علمي قابليت کين پنهنجي دور جي نمايان نوجوان عالمن ۾ شامل ڪري ڇڏيو. پوءِ هو برطانيا روانا ٿيا، جتي سائوٿيمپٽن يونيورسٽيءَ مان 1969ع ۾ فزيالاجي ۽ بايوڪيمسٽريءَ ۾ پي ايڇ ڊي مڪمل ڪيائون. اتي هنن علمي تحقيق ۽ تدريسي ذميوارين ۾ پڻ حصو ورتو، جن سندن سائنسي ۽ علمي بنيادن کي وڌيڪ سگهارو بڻايو.

ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري 1963ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ زولاجيءَ جي ليڪچرار طور مقرر ٿيا ۽ پنهنجي علمي سفر جي شروعاتي دور ۾ يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل رهيا. اعليٰ تعليم ۽ تحقيق لاءِ پرڏيهه وڃڻ کان پوءِ، وطن موٽي اچي ٻيهر سنڌ يونيورسٽيءَ سان لاڳاپو جوڙيائون، جتي اسسٽنٽ پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ پوءِ فزيالاجيءَ جي پروفيسر جي عهدن تائين پهتا. تدريس ۽ تحقيق سان گڏوگڏ هنن علمي انتظام، فيڪلٽيءَ جي واڌاري ۽ اداري جي بهتريءَ لاءِ پڻ سرگرم ڪردار ادا ڪيو.

ڊاڪٽر انصاريءَ جي پيشورانه حياتيءَ جو سڀ کان اهم باب سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ سان وابسته رهيو، جتي هنن 1977ع کان 1988ع تائين پهرئين وائيس چانسلر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. اهو ادارو پنهنجي شروعاتي ۽ تشڪيل واري دور مان گذري رهيو هو، ۽ ڊاڪٽر انصاريءَ جي قيادت هيٺ زرعي تعليم، علمي انتظام ۽ تحقيقي رُخ کي نئين سگهه ملي. سندن ساٿي ۽ شاگرد اڄ به کين هڪ اصول پسند، منتظم ۽ دور انديش اڳواڻ طور ياد ڪن ٿا، جيڪو تعليم ۽ تحقيق کي قومي ۽ عملي ضرورتن سان ڳنڍڻ جو قائل هو. سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي مدي پوري ڪرڻ کان پوءِ، هو 1988ع کان 1989ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسلر مقرر ٿيا، جتي هنن علمي معيارن جي بهتري، تحقيقي ماحول جي واڌاري ۽ تعليمي نظام جي مضبوطيءَ لاءِ اهم قدم کنيا.

پنهنجي طويل پيشورانه سفر دوران ڊاڪٽر انصاري صاحب جن ڪيترن ئي اهم علمي، سائنسي ۽ پاليسي سطح جي عهدن تي رهيا. هو 1989ع کان 1991ع تائين يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جا چيئرمين رهيا، جيڪا بعد ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جو بنياد بڻي. ان اداري ۾ رهندي هنن اعليٰ تعليم جي معيار، يونيورسٽين جي هم آهنگي ۽ تحقيقي سهڪار لاءِ اهم خدمتون سرانجام ڏنيون. ان کان پوءِ هو 1991ع کان 1992ع تائين پاڪستان ڪائونسل فار سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ۽ 1992ع کان 1998ع تائين پاڪستان ڪائونسل آف سائنٽيفڪ اينڊ انڊسٽريل ريسرچ جا چيئرمين رهيا. انهن عهدن تي رهندي هو ملڪ جي سائنسي، تعليمي ۽ ٽيڪنالاجي پاليسيون ٺاهڻ جي مرڪزي ڌارا ۾ شامل رهيا.




پي سي ايس آءِ آر ۾ سندن خدمتن جو هڪ اهم پهلو صنعتي تحقيق، سائنسي ليبارٽرين، ٽيڪنالاجيءَ جي منتقلي ۽ قومي ترقيءَ سان لاڳاپيل تحقيقي منصوبن کي هٿي وٺرائڻ هو. سندن نگرانيءَ هيٺ پي سي ايس آءِ آر جون ليبارٽريون ۽ تحقيقي ادارا ملڪ جي مختلف علائقن ۾ صنعتي ٽيڪنالاجي، ڪيميڪل سائنس، فوڊ سائنس، انجنيئرنگ ۽ لاڳو تحقيق جي ميدان ۾ سرگرم رهيا. هو ان ڳالهه جا حامي هئا ته سائنس صرف ڪتابن ۽ ليبارٽرين تائين محدود نه رهي، پر سماجي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ سڌو سنئون ڪارآمد پڻ بڻجي.

ڊاڪٽر انصاريءَ پنهنجي حياتيءَ دوران پاڪستان جي ڪيترين ئي معتبر يونيورسٽين، سائنسي فورمز، پاليسي ادارن ۽ تعليمي تنظيمن سان وابسته رهيا. هو قائداعظم يونيورسٽي، انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي لاهور، يونيورسٽي آف مئنيجمينٽ سائنسز، غلام اسحاق خان انسٽيٽيوٽ ۽ اسرا يونيورسٽيءَ سميت ڪيترن ئي ادارن جي بورڊس، سنڊيڪيٽ ۽ پاليسي فورمز جو حصو رهيا. ان کان علاوه پاڪستان سائنس فائونڊيشن، پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل، ڪامسٽيڪ ۽ نيشنل ڪميشن فار سائنس اينڊ ٽيڪنالاجيءَ سان لاڳاپيل علمي ۽ سائنسي فورمز ۾ پڻ سندن اهم ڪردار رهيو.

ڊاڪٽر انصاري رڳو منتظم نه، پر بنيادي طور هڪ عالم، استاد ۽ محقق هئا. هنن فزيالاجي، بايوڪيمسٽري، تعليمي پاليسي ۽ ترقياتي موضوعن تي قومي ۽ بين الاقوامي جرنلس ۾ ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا. مختلف سائنسي ڪانفرنسن، علمي فورمز ۽ پاليسي مذاڪرن ۾ سندن شرڪت سندن علمي وابستگيءَ جو چٽو ثبوت هئي. هو پنهنجي طويل پيشورانه حياتيءَ دوران پاڪستان جي نمائندگي ڪندي ڪيترن قومي ۽ بين الاقوامي علمي ڪانفرنسن، سمپوزياز ۽ سيمينارن ۾ شامل ٿيا.

سندن علمي خدمتن مان هڪ اهم ڪارنامو انگريزيءَ کان سنڌيءَ ۾ سائنس جي لغت جي تياري پڻ آهي، جيڪا سنڌي پڙهندڙن ۽ شاگردن لاءِ سائنسي اصطلاحن کي وڌيڪ سمجهڻ جوڳو بڻائڻ جي هڪ اهم ڪوشش هئي. ان کان علاوه هنن سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ ڪتاب، تدريسي مواد ۽ عوامي آگاهيءَ لاءِ پڻ لکيو. سندن فڪر جو مطمع نظر اهو هو ته علم ۽ سائنس رڳو اشرافيه يا وڏن ادارن تائين محدود نه رهي، پر سماج جي عام ماڻهوءَ تائين پهچي.

ڊاڪٽر عبدالقادر انصاريءَ جي علمي، سائنسي ۽ تعليمي خدمتن جي اعتراف طور حڪومت پاڪستان کين 1990ع ۾ ”ستار امتياز“ سان نوازيو هو. هي اعزاز نه فقط هڪ سائنسدان ۽ استاد طور، پر هڪ اداري ساز ۽ قومي تعليمي ترقيءَ جي معمار طور سندن خدمتن جو اعتراف پڻ هئو.

2004ع کان 2019ع تائين ڊاڪٽر انصاري الخير يونيورسٽيءَ جا ريڪٽر رهيا، جيڪا سندن زندگيءَ جي آخري پيشورانه ذميواري هئي. عمر جي آخري دور تائين به هو شاگردن، عالمن ۽ تعليمي ادارن جي رهنمائي ڪندا رهيا. سندن شاگرد ۽ ساٿي کين نرم گفتار، اصول پسند، منظم ۽ علمي قدرن سان گهري وابستگي رکندڙ شخصيت طور ياد ڪن ٿا.

سندن لاڏاڻي کان پوءِ پاڪستان جي مختلف يونيورسٽين، سائنسي ادارن، سرڪاري کاتن ۽ پيشورانه تنظيمن پاران تعزيتي پيغام جاري ڪيا ويا، جيڪي علمي ۽ فڪري حلقن ۾ سندن عزت ۽ احترام جو چٽو اظهار آهن. سنڌ سرڪار جي سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ، پاڪستان ڪائونسل آف سائنٽيفڪ اينڊ انڊسٽريل ريسرچ، اسرا يونيورسٽي، شهيد الله بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽ، ڊزائن اينڊ هيريٽيج، لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ۽ حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽري سميت ڪيترن ادارن پاران سندن خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري، هڪ ممتاز سائنسدان، مايه ناز تعليمدان، اداري ساز، منتظم ۽ فڪري رهنما طور سدائين ياد رکيا ويندا. سندن حياتيءَ جون خدمتون پاڪستان ۾ اعليٰ تعليم، سائنسي تحقيق ۽ علمي پاليسيءَ تي هڪ گهرو ۽ ڊگهو اثر ڇڏي ويون آهن. سندن علمي ۽ فڪري ورثو ايندڙ نسلن لاءِ سهائيءَ ۽ سرهاڻ جو سرچشمو رهندو. ■

# صدارتي ايوارڊ ماڻيندڙ ڪجهہ شخصيتون

هر سال جيان هِن سال بہ پاڪستان جا اعليٰ صدارتي سول ۽ ملٽري ايوارڊ 13 مئي تي ڏنا ويا. ان سلسلي ۾ ايوارڊ ڏيڻ جون تقريبون ايوان صدر اسلام آباد ۽ ملڪ جي چئني صوبن جي گورنر هائوسز ۾ منعقد ٿيون. انهن صدارتي ايوارڊس جو اعلان هر سال 14 آگسٽ تي، پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن جي موقعي تي ڪيو ويندو آهي، ۽ اهي ايوارڊ روايت موجب ايندڙ مارچ مهيني جي 23 تاريخ تي ڏنا ويندا آهن. هِن سال ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي مڙهيل جنگ سبب، دنيا جي ٻين ملڪن سان گڏ پاڪستان بہ ان جنگ جي اثرن هيٺ رهيو، جنهن ڪري اها تقريب 23 مارچ تي منعقد نہ ڪئي وئي. ان بعد اها 13 مئي تي منعقد ٿي.

ايوان صدر اسلام آباد ۾ منعقد ٿيل تقريب ۾ ٻين سان گڏ سنڌ يونيورسٽيءَ جي موجوده وائس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مريءَ کي پاڪستان جي صدر آصف علي زرداريءَ ايوارڊ ڏنو. زرداري صاحب پاڪستان جي نالي واري ليڪ اصغر نديم سيد ۽ مشهور گائڪي حديقہ ڪيانيءَ کي پڻ صدارتي ايوارڊ ڏنو. سنڌ جي گورنر هائوس ۾ شام جو ٿيڻ وڳي منعقد ٿيل ايوارڊ تقريب ۾ پاڪستان جي صدر پاران سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشميءَ نالي واري تعليمدان، موجوده وقت ۾ سنڌ ۾ سينيءَ کان وڏيڪ سينئر وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ کي ”ستار امتياز“ سان نوازيو. ڊاڪٽر مجيب صحرائي هن وقت سنڌ مدرستہ الاسلام يونيورسٽي جي وائس چانسلر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ساڳي طرح نالي واري ٽي وي اداڪارہ فضيلا قاضي ۽ فنڪارہ تاج مستانيءَ کي پڻ سنڌ جي گورنر ايوارڊن نوازيو. صدارتي ايوارڊ ماڻيل، مٿي ذڪر ڪيل شخصيتن جو مختصر خاڪو هتي بيان ڪجي ٿو.

## ڊاڪٽر فتح محمد مري



ڊاڪٽر فتح محمد مري نالي وارو تعليمي ماهر ۽ محقق آهي. هن کي زرعي معاشيات، رٿابندي ۽ اعليٰ تعليم جي انتظامڪاريءَ ۾ 25 سالن کان وڌيڪ عرصي جو تجربو آهي.

زرعي معاشيات ۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگري رکندڙ ڊاڪٽر مري هن وقت، سنڌ جي هڪ وڏي يونيورسٽي_ سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري جو وائس چانسلر آهي. جڏهن تہ ان کان اڳ ۾ هو سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جو وائس چانسلر رهي چڪو آهي. هيءُ ڪيترن ئي ٻين عهدن تي بہ رهي چڪو آهي، جن ۾ ميمبر آپريشنز ۽ پلاننگ/اڪيڊمڪس ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اي سي) اسلام آباد ۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، ايجوڪيشن ٽيسٽنگ ڪائونسل جو سي اي او، ۽ سنڌ حڪومت جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ۾ پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر وارا عهدا شامل آهن.

هن سنڌ جي پي اينڊ ڊي ڊپارٽمينٽ (2015_16) جي چيف اڪنامسٽ جي اضافي چارج پڻ سنڀالي هئي، ۽ معاشي رٿابندي، تحقيق، ڊونر ڪوآرڊينيشن، ۽ پرڏيهي فنڊنگ جي نگراني پڻ ڪئي.

ڊاڪٽر مري عالمي بينڪ جي فنڊ ڪيل ڪيترين ئي رٿائن کي منظم پڻ ڪيو هو ۽ پاڻيءَ جي شعبي جي اوسر واري رٿا (2009) لاءِ ڊائريڪٽر پلاننگ، ڪوآرڊينيشن ۽ ايم اينڊ اي طور بہ ڪم ڪيو. ان کان اڳ، هن ايڪشن ايڊ پاڪستان لاءِ ريجنل پروگرام مئنيجر (2006_2008) طور سنڌ ۽ بلوچستان ۾، ۽ 1997_98 ۾ انٽرنيشنل واٽر مئنيجمينٽ انسٽيٽيوٽ (IWMI)سان سماجي سائنسدان طور ڪم ڪيو.

قدرتي وسيلن جي معاشيات ۽ پاڻيءَ جي انتظام ۾ هڪ تسليم ٿيل ماهر طور هن هارورڊ يونيورسٽي ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي سميت ٻين وڏن تعليمي ادارن ۾ ليڪچر پڻ ڏنا آهن. هو سائوٿ ايشين نيٽ ورڪ فار ڊولپمينٽ اينڊ انوائرمينٽل اڪنامڪس (USA)۽ گرين اڪنامڪس انسٽيٽيوٽ، آڪسفورڊ (UK)جو فيلو آهي. هن جي پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ڊپلوما (2013) پڻ ڪيل آهي ۽ 27 کان وڌيڪ تحقيقي مقالا لکيا اٿائين. ان طرح پاڪستان ۾ زراعت، تعليم ۽ پائيدار ترقيءَ ۾ سندس ڳڀ جو حصو رهيو آهي. تازو 13 مئي تي کيس صدارتي ايوارڊ سان نوازيو ويو.

## ڊاڪٽر مجيب صحرائي

ڊاڪٽر صحرائيءَ جو تعليمي خدمتن جو تجربو مختلف شعبن ۾ 36 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ڦهليل آهي. اڳ ۾ هن سنڌ زرعي يونيورسٽي، ٽنڊي ڄام جي وائس چانسلر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. ان دوران هن ٻن سالن تائين شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، اسڪرنڊ جي وائس چانسلر جي قائم مقام چارج پڻ سنڀالي.

ان کانسواءِ ڊاڪٽر صحرائي ٽن ادارن جو باني پرنسپل/سرپرست پڻ رهيو آهي، جن ۾ مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج آف انجنيئرنگ



اينڊ ٽيڪنالاجي، خيرپورميرس، ڪاليج آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ مئنيجمينٽ، خيرپور ۽ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي سب ڪيمپس عمرڪوٽ شامل آهن. هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو يونيورسٽي آف لا، ڪراچي جي وائس چانسلر جي اضافي چارج پڻ سنڀالي هئي.

ڊاڪٽر مجيب صحرائي پنهنجي تعليمي ڪيريئر جي شروعات آگسٽ 1988ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڄامشورو ۾ مڪينيڪل انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار طور ڪئي ۽ پوءِ قائداعظم ميرٽ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ بعد برطانيہ جي يونيورسٽي آف سسيڪس مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. کيس 1995ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر، 2000ع ۾ پروفيسر ۽ 2013ع ۾ ميريٽوريس پروفيسر مقرر ڪيو ويو.

ڊاڪٽر صحرائي 55 تحقيقي مقالا لکيا آهن ۽ سندس رهنمائيءَ ۾ ٽن شاگردن پي ايڇ ڊي ڪئي، جن ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي ميڪينڪل انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جو پهريون پي ايڇ ڊي بہ شامل هو.

ڊاڪٽر صحرائي مختلف ملڪن ۾ بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ تحقيقي مقالا پيش ڪيا آهن، جن ۾ برطانيہ، آسٽريليا، اٽلي، ملائيشيا، انڊونيشيا، چيڪ ريپبلڪ، سنگاپور ۽ رومانيا شامل آهن. کيس باقاعدي طور تي مختلف قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ ورڪشاپس ۾ مهمان اسپيڪر طور دعوت ڏني ويندي آهي.

ڊاڪٽر صحرائيءَ جي تعليمي ۽ تحقيقي ڪارڪردگيءَ جي اعتراف ۾، کيس 2008ع ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن، اسلام آباد پاران بهترين يونيورسٽي استاد جو ايوارڊ ڏنو ويو هو ۽ هاڻي پاڪستان سرڪار پاران کيس پاڪستان جي اعليٰ ترين سول ايوارڊ ”ستارہ امتياز“ سان نوازيو ويو آهي.



## فضيلہ قاضي



فضيلہ قاضي ملڪ جي نالي واري ٽي وي اداڪاره، پروڊيوسر، ليکڪ ۽ ميڊيا شخصيت آهي، جنهن هڪ چينل تي ”فضيلہ ُز ڪچن“ نالي سان مشهور ڊجيٽل ڪڪنگ جو پروگرام بہ ڪيو آهي. 1993ع کان فضيلہ قاضي ۽ سندس ورَ قيصر خان نظاماڻي اداڪار، هدايتڪار ۽ پروڊيوسر رهيا آهن. انهن 1990ع جي ڏهاڪي کان خاص طور تي پي ٽي وي تي ڪلاسڪ ۽ جديد ڊرامن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ان کي هڪ الڳ سڃاڻپ ڏني.

اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ پاڪستان جي فن جي دنيا جو هيءُ پهريون جوڙو آهي، جنهن کي سول ايوارڊ مليا آهن. قيصر خان نظاماڻيءَ کي 2018ع ۾ ”پرائيڊ آف پرفارمنس“ مليو هو، ۽ فضيلہ قاضي کي تازو 13 مئي تي ”ستارِ امتياز“ ۽ سان نوازيو ويو آهي. کين بہ پٽ: احمد ۽ زورين آهن.

فضيلہ قاضي 1967ع ۾ (ڪن ذريعن موجب 1970ع) ۾ حيدرآباد ۾ پيدا ٿي. تعليم، گورنمينٽ اسڪول، اردو سائنس ڪاليج ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي ڪيائين.

1988ع ۾ پنهنجي فني سفرجي شروعات فيشن ماڊلنگ سان ڪيائين ۽ 1990ع واري ڏهاڪي کان اداڪاري شروع ڪيائين. هن پي ٽي وي تان ڊرامن جي شروعات ڪئي. ان بعد پرائيويٽ چينلز تي بہ ڪم ڪيو. هن سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيا آهن.

فضيلہ اداڪاريءَ سان گڏ ڪڪنگ ۽ رائيٽنگ بہ ڪري ٿي. پي ٽي وي جي سونهري دور کان وٺي پرائيويٽ چينلز ۽ ڊجيٽل ميڊيا تائين سندس سفر لچڪ ۽ موافقت توڙي نئين نسل لاءِ احترام ۽ تقليد جو مثال آهي.

## تاج مستاني



سيوهڻ شريف ڄائي تاج مستاني سنڌ جي مشهور لوڪ ۽ صوفي ڳائڻي آهي. هوءَ صوفي شاعريءَ جي روحاني ريڊيئيشن سبب مشهور آهي. هيءَ روايتي سنڌي ساز: يڪتارو ۽ ڪڙتال، هڪ ئي وقت وڄائڻ جي صلاحيت سبب خاص طور تي سڃاتي وڃي ٿي.

سيوهڻ شريف ، حضرت لال شهباز قلندر جي درگاه جي روحاني ماحول ۾ پيدا ٿيل ۽ پرورش پاتل تاج مستانيءَ کي سنڌ جي ثقافتي ورثي ۽ صوفي شاعريءَ سان گهرو تعلق رهيو آهي. هن 14 سالن جي عمر ۾ پنهنجي فني ڪئريئر جي شروعات ڪئي. هيءَ پاڪستان جي وڏن ثقافتي پروگرامن ۾ باقاعده پرفارم ڪندي رهي آهي.

تاج مستانيءَ ڪيترائي البم ۽ سنگلز جاري ڪيا آهن. سندس موسيقي اسپوٽوفي ۽ ايپل ميوزڪ تي موجود آهي. تاج مستاني سنڌ جي صوفي ۽ لوڪ موسيقيءَ جي امير روايتن کي زنده رکڻ واري هڪ جوشيلي ۽ معتبر آواز طور سڃاتي وڃي ٿي. هيءَ نامياري فنڪاره سوشل ميڊيا تي بہ پاڻ ملهائي رهي آهي. کيس 13 مئي تي سنڌ جي گورنر صدارتي ايوارڊ ڏنو. ■ _ محمد اقبال جاکرو

# عورت کي غيرت يا ملڪيت نہ، پر پاڻ جهڙو انسان سمجهو

سائره صلاح الدين پنهور



ڪڏهن ڪڏهن لفظن جا چهرا بہ عجيب هوندا آهن. ڪي لفظ ڏسڻ ۾ خوبصورت لڳندا آهن، پر جڏهن سماج انهن کي پنهنجي انا، خوف ۽ ظلم لاءِ استعمال ڪري ٿو تہ اهي لفظ بہ زخمي ٿي پوندا آهن. ”غيرت“ بہ اهڙوئي هڪ لفظ آهي.

اصل ۾ غيرت انسان جي اخلاق، ضمير، حفاظت، عزت ۽ وقار سان جڙيل هجڻ گهرجي، پر اسان جي سماج ۾ ڪڏهن ڪڏهن ان غيرت کي عورت جي ساهہ، سندس پسند، سندس لباس، سندس آواز ۽ سندس آزادي سان اهڙيءَ طرح ٻڌو ويو آهي، جو ڄڻ عورت انسان نہ، پر ڪنهن خاندان جي عزت جي بند ٿيل صندوق هجي. جڏهن اها صندوق ڪنهن جي مرضيءَ کان سواءِ کُلي ٿي، تہ ان کي بند ڪرڻ لاءِ ڪڏهن رت وهايو وڃي ٿو، ۽ ان رت کي بہ ”غيرت“ جو نالو ڏنو وڃي ٿو.

سنڌ، بلوچستان سان گڏ پاڪستان جي ٻين علائقن ۾ ”ڪارو ڪاري“ (Honour Killing)جي نالي سان ٿيندڙ قتل صرف هڪ جرم ناهن، پر اهو اسان جي سماجي سوچ جو هڪ آئينو پڻ آهن. ”ڪارو“ ۽ ”ڪاري“ جا لفظ الزام کان شروع ٿين ٿا ۽ گهڻو ڪري موت تي ختم ٿين ٿا. ڪيترين عورتن کي بنا ثبوت، بنا عدالت، بنا ٻڌڻي، صرف شڪ، افواهہ يا مرداڻي انا جي بنياد تي ماريو وڃي ٿو. ڪيترين کي پنهنجي صفائي ڏيڻ جو موقعو بہ نہ ٿو ملي. ڪٿي زمين جو تڪرار آهي، ڪٿي ملڪيت جو مسئلو آهي، ڪٿي زبردستي شاديءَ کان انڪار آهي، ڪٿي پسند جي شادي آهي، ڪٿي صرف شڪ آهي؛ پر ان عمل تي پردو هڪ ئي وڏو ويو..... ”غيرت.“

اسان عورتن جون اڪيون اج بہ ڪيترن خاموش سچن جون شاهد آهن. ايڪويهين صدي ۾ رهڻ باوجود بہ ڪيترن گهرن ۾ ڌيءَ کي اڃا ”عارضي مهمان“ سمجهيو وڃي ٿو. ننڍپڻ کان ئي ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو:”تون تہ پرائي آهين،“ ”تنهنجو اصل گهر ٻيو آهي،“ ”جلد پنهنجي گهر هلي ويندين.“ اهي جملا ٻڌڻ ۾ عام لڳن ٿا، پر هڪ نياڻيءَ جي دل ۾ آهستي آهستي اهو احساس وجهي ڇڏين ٿا تہ شايد هن دنيا ۾ ڪو گهر واقعي بہ سندس پنهنجو ناهي. سوال اهو آهي تہ سندس ”پنهنجو گهر“ آخر ڪهڙو آهي؟

پر سوال اهو آهي تہ اها غيرت آهي يا مالڪي؟

جيڪڏهن عورت کي انسان طور قبول ڪيو وڃي ها، تہ ڇا سندس پسند ڏوهہ بڻجي ها؟ جيڪڏهن عورت کي پنهنجي زندگيءَ بابت سوچڻ جو حق ڏنو وڃي ها، تہ ڇا سندس آواز بغاوت سڏجي ها؟ جيڪڏهن مرد عورت کي پنهنجي عزت جو بار نہ، پر پاڻ وانگر هڪ آزاد وجود سمجهي ها، تہ ڇا ڪارو ڪاري جهڙي بيرحمي سماج ۾ پاڙون پختيون ڪري سگهي ها؟

اصل ۾ مسئلو عورت جي حرڪت، لباس، پسند يا آواز ۾ گهٽ، پر مرد جي ان سوچ ۾ وڌيڪ آهي، جيڪا عورت کي مڪمل انسان طور قبول ڪرڻ کان ڊڄي ٿي. اسان جي سماج ۾ عورت کي ماءُ، ڌيءَ، ڀيڻ ۽ زال طور تہ عزت ڏيڻ جون وڏيون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون، پر جڏهن ساڳئي عورت پنهنجي راءِ رکي، پنهنجي زندگيءَ بابت فيصلو ڪري، يا پنهنجي پسند ناپسند جو اظهار ڪري، تہ ڪيترن ماڻهن جي غيرت جاڳي پوي ٿي. يعني عورت کي رشتن جي قيد ۾ عزت ملي ٿي، پر انسان جي حيثيت ۾ اختيار نٿو ملي.

اسان عورتن جون اڪيون اج بہ ڪيترن خاموش سچن جون شاهد آهن. ايڪويهين صدي ۾ رهڻ باوجود بہ ڪيترن گهرن ۾ ڌيءَ کي اڃا ”عارضي مهمان“ سمجهيو وڃي ٿو. ننڍپڻ کان ئي ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو:”تون تہ پرائي آهين،“ ”تنهنجو اصل گهر ٻيو آهي،“ ”جلد پنهنجي گهر هلي ويندين.“ اهي جملا ٻڌڻ ۾ عام لڳن ٿا، پر هڪ نياڻيءَ جي دل ۾ آهستي آهستي اهو احساس وجهي ڇڏين ٿا تہ شايد هن دنيا ۾ ڪو گهر واقعي بہ سندس پنهنجو ناهي.

سوال اهو آهي تہ سندس ”پنهنجو گهر“ آخر ڪهڙو آهي؟

اسان جي مرداڻي غيرت اتي بہ اوچتو پڙڪو کائي اٿي پوي ٿي، جڏهن ڳالهہ نياڻيءَ کي ملڪيت ۾ حصو ڏيڻ جي اچي ٿي. اصل ڳالهہ تہ سادي آهي: جنهن سوچ ۾ عورت کي مڪمل انسان ئي نٿو مڃيو وڃي، اتي ڪيس ملڪيت جو حق ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ ٿي وڃي ٿي.

جڏهن نياڻيءَ جي پسند، آواز ۽ وجود کي برداشت نٿو ڪيو وڃي، تہ پوءِ ساڳي نياڻيءَ کي زمين، گهر يا ملڪيت ۾ حصيدار ڪيئن قبول ڪيو ويندو؟ مرداڻي انا کي اهو ڪيئن گوارا ٿي سگهي ٿو تہ، جنهن ڌيءَ کي سڄي عمر ”پرائو ڌن“ چيو ويو، اها پيءُ جي ملڪيت ۾ برابر حق رکندڙ وارث بڻجي بيهي؟

انهيءَ خوف سبب ڪيترين نياڻين جو حق بخشرايو وڃي ٿو، صرف ان لاءِ تہ ملڪيت خاندان کان ”ٻاهر“ نہ وڃي. ڪيتريون زندگيون، ڪيتريون شاديون، ڪيترا خواب ۽ ڪيتريون خواهشون، انهن ئي ظالماڻن مرداڻن فيصلن هيٺ دفن ٿي ويون آهن.

اسان جي نام نهاد وڏيرن جي حويلين، ماڙين ۽ بند دروازن پويان اهڙيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون دفن آهن، جتي نياڻيءَ جو گناهہ صرف اهو هو تہ هوءَ ڌيءَ هئي، ۽ سندس حق کي ”غيرت“ نہ، پر ”خطرو“ سمجهيو ويو.

جنهن گهر ۾ هوءَ ڄائي، اتي ڪيس ”پرائو ڌن“ چيو ويو. جنهن گهر جي اڱڻ ۾ هن پهريون قدم رکيو، جنهن گهر جي ڀتين سان هن جا ٻالڪپڻ جا خواب ٽنگيل هئا، جنهن گهر ۾ هن پيءُ جي آڱر جهلي هلڻ سکيو هو، جنهن گهر ۾ ماءُ جي هنج ۾ پناهہ ورتي هئي، ان ئي گهر ۾ هڪ ڏينهن ڪيس ٻڌايو ويو تہ،”هي تنهنجو اصل گهر ناهي.“ پوءِ جنهن گهر ڏانهن ڪيس موڪليو ويو، اتي بہ ڪيس ڪڏهن ”ٻاهران آيل“ سمجهيو ويو، ڪڏهن ”پرائي گهر جي ڇوڪري“ سڏيو ويو، ڪڏهن سندس هر عادت، هر ڳالهہ، هر خاموشي ۽ هر مسڪراهٽ کي پرکيو ويو.

پوءِ عورت آخر پنهنجي وجود کي ڪٿي پنهنجو سمجهي؟

جتي پيءُ ئي ڌيءَ کي پنهنجو نہ ڪيو، اتي پرايا ماڻهو ڪيئن ڪيس پنهنجو ڪندا؟

اهو ڪيڏو نہ وڏو الميو آهي تہ اسان اڃا بہ ڌيءَ کي ذميواري سمجهون ٿا، حق نہ؛ بار سمجهون ٿا، برڪت نہ؛ پرائو ڌن سمجهون ٿا، پنهنجو رت نہ. اج بہ ڪيترائي پيءُ نياڻيءَ جي تعليم، خواب، خواهش ۽ شخصيت کان وڌيڪ سندس شاديءَ جي فڪر ۾ رهندا آهن. ڄڻ ڌيءَ جو مقصد صرف جلد کان جلد ”پنهنجي گهر“ موڪلڻ هجي. پر سندس اهو ”پنهنجو گهر“ ڪٿي آهي؟ جيڪڏهن سندس ڄمڻ وارو گهر پنهنجو نہ هو، ۽ ساهرن وارو گهر بہ شرط، شڪ ۽ برداشت تي بيٺل هجي، تہ پوءِ عورت جي زندگيءَ ۾ اصل سندس گهر ڪهڙو بچي ٿو؟

شايد اهوئي احساس عورت جي اندر سڄي عمر هڪ خاموش ”بي گهر“ هجڻ جو درد بڻجي رهي ٿو، ۽ جنهن سماج ۾ عورت کي پنهنجي ئي گهر ۾ عارضي سمجهيو وڃي، اتي سندس پسند، سندس آزادي ۽ سندس حق ڪيئن محفوظ رهندا؟ اهڙي سوچ ئي اڳتي هلي عورت کي ملڪيت سمجهي ٿي، سندس زندگيءَ جا فيصلا ڪري ٿي، ۽ جڏهن عورت پنهنجي وجود جو اعلان ڪري ٿي، تڏهن ڪيس ”غيرت“ جي تارازيءَ ۾ توريو وڃي ٿو.


illustration by kaptan abro

ڪيترائي مرد گهر کان ٻاهر ڪنهن پڙهيل لکيل، خوش لباس، پراعتماد ۽ سٺي شخصيت رکندڙ عورت کان متاثر ٿين ٿا. ڪين هن جو confidence، ڳالهائڻ جو انداز، تياري ۽ آزاد رويو پسند اچي ٿو، پر جڏهن ساڳئي عورت شادي بعد سندن گهر اچي ٿي، تہ عورت جو ساڳيو confidence هنن جي لاءِ شڪ بڻجي وڃي ٿو، ساڳيو لباس مسئلو بڻجي وڃي ٿو، ساڳيو انداز غيرت کي چيڻ لڳي ٿو، ۽ پوءِ چيو وڃي ٿو:

”ائين نہ پاءِ، ائين نہ هل، گهڻو نہ ڳالهاءِ، گهڻو نہ کل، متو ڊڪي هل، ماڻهو ڇا چوندا؟“

اها ڪهڙي محبت آهي، جيڪا شادي کان اڳ عورت جي شخصيت کان متاثر ٿئي ٿي، پر شادي کان پوءِ ان ئي شخصيت کي ختم ڪرڻ چاهي ٿي؟ محبت ڪنهن کي مِٽائڻ جو نالو ناهي. محبت تہ ڪنهن کي سندس اصل وجود سان قبول ڪرڻ جو نالو آهي. جيڪڏهن مرد کي عورت جي اعتماد سان پيار هو، تہ پوءِ نڪاح کان پوءِ اهو اعتماد خطرو ڇو بڻجي ويو؟ جيڪڏهن هن جي خوش لباسي پسند هئي، تہ پوءِ ساڳي خوش لباسي شڪ ڇو بڻجي وئي؟ اهو تضاد ٻڌائي ٿو تہ مسئلو غيرت نہ، پر مالڪي آهي.

اسان وٽ گهڻو ڪري عورت جي خاموشيءَ کي شرافت، فرمانبرداريءَ کي عزت، ۽ پنهنجي راءِ کي بغاوت سمجهيو ويندو آهي. عورت جي آزاديءَ کي بي راهہ روي سان ملايو ويو آهي، جڏهن تہ آزاديءَ جو مطلب بي حيائي ناهي. آزاديءَ جو مطلب آهي تہ عورت کي انسان طور سوچڻ، ڳالهائڻ، سکڻ، ڪم ڪرڻ، پسند ڪرڻ ۽ عزت سان جيئڻ جو حق هجي. اسلام بہ عورت کي بي وقار آزادي نہ، پر باوقار وجود ڏنو آهي. اسلام حياءَ، عزت، حفاظت ۽ اخلاقي حدن جي ڳالهہ ڪري ٿو، پر جبر، قتل، شڪ ۽ عورت کي ملڪيت بڻائڻ جي ڪٿي بہ اجازت نٿو ڏئي.

ڪارو ڪاري، گهريلو تشدد ۽ عورت تي پابنديون سڀ هڪ ئي سوچ جا مختلف نالا آهن. اها سوچ چوي ٿي تہ، عورت جي زندگي تي خاندان جو حق آهي، پر عورت جو پنهنجو حق ناهي. اها سوچ چوي ٿي تہ مرد جي غلطي سماج معاف ڪري سگهي ٿو، پر عورت جو شڪ بہ موت جو سبب بڻجي سگهي ٿو. اها سوچ چوي ٿي تہ عزت عورت جي جسم ۾ آهي، پر مرد جي اخلاق ۾ ناهي. ۽ اها ئي سوچ سماج کي اندر کان بيمار ڪري ٿي.

اسان کي اهو بہ مڃڻو پوندو تہ هي مسئلو صرف اڻپڙهيل يا قبائلي ماڻهن تائين محدود ناهي. ڪيترائي پڙهيل لکيل مرد بہ اندر کان ساڳئي عورت تي ”مالڪي“ واري سوچ ڪڻي هلن ٿا. ڊگري حاصل ڪرڻ سولو آهي، پر پنهنجي سوچ کي مهذب بڻائڻ ڏکيو آهي. يونيورسٽي انسان کي روزگار ڏئي سگهي ٿي، پر برداشت، احترام، ۽ ضمير جي روشني گهر، تربيت ۽ سماج مان اچي ٿي. جيڪڏهن تعليم انسان کي عورت جي انسانيت قبول ڪرڻ نہ سيکاري، تہ پوءِ اها تعليم صرف ڪاغذي پڙهائي آهي، روشني ناهي.

هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ اسان پنهنجي پٽن جي تربيت ڪري سندس سوچ بدلايون. ڪين اهو سيکارڻ گهرجي تہ عورت عزت جو بار نہ، انسان آهي. ڌيءَ، ڀيڻ، زال ۽ ماءُ ٿيڻ کان اڳ هوءَ هڪ مڪمل وجود آهي. سندس خواب، خوف، پسند، ناپسند، راءِ ۽ فيصلو بہ اهم آهن. مردانگي عورت کي دٻائڻ ۾ ناهي، مردانگي عورت کي عزت سان جيئڻ ڏيڻ ۾ آهي. طاقت حڪم هلائڻ ۾ ناهي، طاقت اعتماد ڪرڻ ۾ آهي. غيرت قتل ۾ ناهي، غيرت انصاف ۾ آهي.

اسان کي پنهنجين ڌيئرن کي بہ اهو احساس ڏيڻ گهرجي تہ سندن زندگي فقط ٻين جي فيصلي تي بيٺل ناهي. ڪين تعليم، شعور، خود اعتمادي ۽ پنهنجي وقار جو احساس ڏنو وڃي. عورت کي عزت ڏيڻ جو مطلب صرف ڪيس پردي ۾ رکڻ نہ، پر ڪيس ظلم کان بچائڻ، سندس آواز ٻڌڻ، سندس راءِ کي اهميت ڏيڻ ۽ سندس انساني حيثيت کي تسليم ڪرڻ آهي.

سماج کي هاڻي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ، اسان غيرت بچائڻ چاهيون ٿا يا مالڪي؟ جيڪڏهن غيرت بچائڻي آهي، تہ پهرين عورت جي جان بچائڻي پوندي ۽ جيڪڏهن عزت بچائڻي آهي، تہ پهرين انصاف بچائڻو پوندو.

ڇو تہ جنهن سماج ۾ عورت خوف ۾ جيئي، اتي غيرت نہ هوندي آهي، اتي ظلم هوندو آهي. جنهن گهر ۾ عورت جي آواز کان ڊپ لڳي، اتي عزت نہ، ڪمزوري هوندي آهي. جنهن پيءُ جي گهر ۾ ڌيءَ پرائي هجي، ۽ جنهن مڙس جي گهر ۾ زال مشڪوڪ هجي، اتي عورت جو وجود سڄي عمر پناهہ ڳوليندو رهي ٿو. ۽ جنهن مرد کي عورت جي آزادي پنهنجي شڪست لڳي، اتي محبت نہ، مالڪي هوندي آهي.

شايد اسان کي هاڻي هر ڪارو ڪاري، هر honor killing، هر شڪ ۽ هر ظلم کان اڳ پاڻ کان اهو سوال پڇڻ گهرجي: ڇا اسان واقعي غيرت مند آهيون؟

يا صرف عورت تي مالڪي وڃائڻ کان ڊڄون ٿا؟■

برطانيا جي هڪ سروي مطابق 2025ع ۾ 92 سيڪڙو يونيورسٽي شاگردن ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ هٽرادو ڏاهپ استعمال ڪئي.

# اعليٰ تعليم ۾ هٽرادو ڏاهپ: اڄ جي وقت جي ضرورت به: پر اها شهرن ۽ ٻهراڙين جي طبقاتي تعليمي نظام کي به وڌائي سگهي ٿي

ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر



دنيا جي تاريخ ۾ ڪجهه دور اهڙا ايندا آهن، جيڪي انسان جي سوچ، سکيا، ڪم ڪرڻ جي انداز ۽ سماجي ڍانچي کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. جيئن صنعتي انقلاب انسان جي هٿن کي مشينن سان ڳنڍيو، ڪمپيوٽر انقلاب دنيا کي ڊجيٽل بڻايو، تيئن هاڻي مصنوعي ذهانت يعني ”آرٽيفيشل انٽيليجنس“ (هٽرادو ڏاهپ) انسان جي ذهن، علم ۽ فيصلا سازي جي دنيا کي نئين رخ ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي. اڄ جو دور صرف ٽيڪنالاجيءَ جو دور ناهي، پر اهو ”ذهين ٽيڪنالاجي“ جو دور آهي، جتي مشينون رڳو حڪم نٿيون مڃين، پر سکڻ، سوچڻ، تجزيو ڪرڻ ۽ انسان سان ڳالهائڻ جي صلاحيت به حاصل ڪري رهيون آهن.

اعليٰ تعليم جا ادارا، جيڪي ڪنهن به قوم جي فڪري، علمي ۽ تحقيقي ترقيءَ جا مرڪز هوندا آهن، اهي به هن وڏي تبديليءَ کان الڳ ناهن. دنيا جون يونيورسٽيون هاڻي صرف ڪتابن، ليڪچرس ۽ امتحانن تائين محدود ناهن رهيون، پر هٽرادو ڏاهپ تي ٻڌل تدريس، تحقيقي تجزئي، آن لائن لرننگ، شاگردن جي ڪارڪردگيءَ جي نگراني، علمي رٿابندي ۽ روزگار جي تياريءَ تائين پهچي ويون آهن. آمريڪا، چين، برطانيا، سنگاپور، ڏکڻ ڪوريا ۽ ناروي جهڙا ملڪ پنهنجي اعليٰ تعليم واري نظام ۾ هٽرادو ڏاهپ کي مرڪزي حيثيت ڏئي رهيا آهن.

يونيسڪو جي 2025ع واري عالمي سروي مطابق دنيا جي تقريبن به ڀاڱي ٽي يونيورسٽين هٽرادو ڏاهپ بابت پاليسيون تيار ڪري ورتيون آهن يا تيار ڪري رهيون آهن، جڏهن ته 90 سيڪڙو استاد ۽ محقق پنهنجي روزاني علمي ڪم ۾ هٽرادو ڏاهپ جا اوزار استعمال ڪري رهيا آهن. اهي انگ اکر ٻڌائين ٿا ته هٽرادو ڏاهپ هاڻي ڪو مستقبل جو خواب ناهي، پر موجوده تعليمي نظام جي هڪ حقيقت بڻجي چڪو آهي.

اڄ شاگرد ChatGPT، Gemini، Claude، DeepSeek ۽ Copilot جهڙا اوزار استعمال ڪري رهيا آهن. اهي مضمون لکن ٿا، تحقيقي خيال حاصل ڪن ٿا، پروگرامنگ ڪن ٿا، ترجما ڪن ٿا، پريزنٽيشنس تيار ڪن ٿا ۽ مشڪل موضوعن کي سمجهن ٿا. برطانيا جي هڪ سروي مطابق 2025ع ۾ 92 سيڪڙو يونيورسٽي شاگردن ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ هٽرادو ڏاهپ استعمال ڪئي. سوال اهو ناهي ته هٽرادو ڏاهپ تعليم ۾ ايندي يا نه، پر سوال اهو آهي ته اسان ان کي ذميواري، اخلاقيات ۽ معنيٰ ڀرئي طريقي سان ڪيئن استعمال ڪنداسين.


**هڪ اهم ڳالهه ”ڊيجيٽل اٽبرابري“ جي آهي. شهري يونيورسٽين جا شاگرد جديد هٽرادو ڏاهپ جي اوزارن تائين پهچ رکن ٿا، جڏهن ته ڳوٺاڻا ۽ غريب شاگرد اڃا بنيادي انٽرنيٽ سهولت کان محروم آهن. جيڪڏهن هٽرادو ڏاهپ کي انصاف سان لاڳو نه ڪيو ويو ته تعليم ۾ نئين قسم جو طبقاتي فرق پيدا ٿي سگهي ٿو، ان ڪري حڪومتن کي گهرجي ته ڊجيٽل انفراسٽرڪچر، سستي انٽرنيٽ، مقامي ٻولين ۾ هٽرادو ڏاهپ جا اوزار ۽ استادن جي تربيت تي سيڙپ ڪن.**

پاڪستان ۽ ترقي پذير ملڪن جي حوالي سان ڏٺو وڃي ته اسان اڃا تائين هٽرادو ڏاهپ جي استعمال جي ابتدائي مرحلي ۾ آهيون. ڪيترين يونيورسٽين ۾ انٽرنيٽ جي رفتار، ڊجيٽل سهولتن، استاد جي تربيت ۽ پاليسي جي کوٽ آهي. ڪيترائي استاد هٽرادو ڏاهپ کي خطري طور ڏسن ٿا، جڏهن ته ڪيترائي شاگرد ان کي صرف ”اسائنمينٽ ٺاهڻ واري مشين“ سمجهن ٿا. اصل مسئلو ٽيڪنالاجي جو نه، پر سوچ جو آهي. جيڪڏهن تعليم جو مقصد صرف امتحان پاس ڪرڻ هوندو ته پوءِ هٽرادو ڏاهپ يقيناً نقل ۽ سطحيت کي وڌائيندي، پر جيڪڏهن تعليم جو مقصد تنقيدي سوچ، مسئلا حل ڪرڻ، تخليقيت ۽ سماجي ذميواري هوندو ته پوءِ هٽرادو ڏاهپ هڪ وڏي علمي ساٿي طور سامهون ايندي.

اعليٰ تعليم ۾ هٽرادو ڏاهپ جي اچڻ سان روايتي تدريسي طريقا به چئلينج هيٺ اچي ويا آهن. هاڻي صرف يادگيري تي ٻڌل امتحانن جي اهميت گهٽجي رهي آهي. دنيا جون يونيورسٽيون ”اوپن بڪ“، ”وائوا“، ”پروجيڪٽ بيسڊ لرننگ“ ۽ ”حقيقي مسئلن جي حل“ تي ٻڌل تشخيصي نظام اختيار ڪري رهيون آهن. برطانيا ۽ يورپ جي تعليمي ماهرن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن امتحاني نظام تبديل نه ٿيو ته هٽرادو ڏاهپ روايتي امتحانن جي ساک کي متاثر ڪندي.

اڄ دنيا ۾ هٽرادو ڏاهپ کي صرف هڪ سافٽ ويئر نه، پر ”نئين تعليمي ڍانچي“ طور ڏٺو پيو وڃي. چين پنهنجين يونيورسٽين ۾ هٽرادو ڏاهپ جون ليبارٽريون، ذهين ڪلاس روم، روبوٽڪ تدريسي نظام ۽ هٽرادو ڏاهپ تي ٻڌل تحقيقي مرڪز قائم ڪري رهيو آهي. آمريڪا ۾ اسٽينفورڊ، MIT ۽ هارورڊ جهڙيون يونيورسٽيون هٽرادو ڏاهپ جي اخلاقيات، هٽرادو ڏاهپ قانون ۽ هٽرادو ڏاهپ گورننس تي نوان شعبا کولين پيون. هندستان ۾ هٽرادو ڏاهپ روزاني تعليمي زندگي جو حصو بڻجي چڪي آهي، جتي ليڪچر، ڪائونسلنگ، اسيسمينٽ ۽ ڪيريئر رهنمائي ۾ هٽرادو ڏاهپ استعمال ٿي رهي آهي.

پر هر ٽيڪنالاجي وانگر هٽرادو ڏاهپ سان به جڙيل خطرا موجود آهن. سڀ کان وڏو خطرو ”علمي ايمانداري“ جو آهي. جيڪڏهن شاگرد مڪمل اسائنمينٽ هٽرادو ڏاهپ کان لکرائيندا، ته پوءِ سندن تنقيدي سوچ، لکڻ جي صلاحيت ۽ تحقيقاتي فهم ڪمزور ٿي سگهي ٿي. ڪيترن استادن کي خدشو آهي ته هٽرادو ڏاهپ شاگردن کي ”سوچڻ کانسواءِ نتيجا حاصل ڪرڻ“ جي عادت وجهندي. ساڳئي وقت شاگردن جو چوڻ آهي ته هٽرادو ڏاهپ کين مشڪل تصورن کي سمجهڻ، وقت بچائڻ ۽ سکيا کي آسان بڻائڻ ۾ مدد ڪري ٿي.




اصل ۾ هٽرادو ڏاهپ نه مڪمل دشمن آهي، نه مڪمل نجات ڏيندڙ. اهو هڪ اوزار آهي، جنهن جو اثر ان جي استعمال تي دارومدار رکي ٿو. جيڪڏهن استاد ۽ شاگرد ٻنهي وٽ اخلاقي رهنمائي، ڊجيٽل شعور ۽ ذميواري هوندي ته هٽرادو ڏاهپ سکيا جي معيار کي بلند ڪندي. ٻي صورت ۾ اها نقل، سطحيت ۽ ذهني انحصار کي وڌائيندي.

هتي هڪ اهم سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا هٽرادو ڏاهپ استاد جي ڪردار کي ختم ڪري ڇڏيندي؟ جواب آهي: نه. هٽرادو ڏاهپ معلومات ڏئي سگهي ٿي، پر انسانيت، جذبات، اخلاق، رهنمائي ۽ الهام نٿي ڏئي سگهي. استاد صرف ڪتاب پڙهائيندڙ نه هوندو آهي، پر هو شخصيت ٺاهيندڙ هوندو آهي. هٽرادو ڏاهپ شاگرد کي جواب ڏئي سگهي ٿي، پر اها ان کي زندگيءَ جا قدر نٿي سيکاري سگهي. تنهنڪري مستقبل جو بهترين ماڊل اهو هوندو جتي ”انساني استاد“ ۽ ”ذهين ٽيڪنالاجي“ گڏجي ڪم ڪندا.

پاڪستان جي يونيورسٽين لاءِ هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اهي هٽرادو ڏاهپ بابت واضح پاليسيون ٺاهين. هر يونيورسٽي ۾ هٽرادو ڏاهپ لٽريسي پروگرام، استاد جي تربيت، اخلاقي رهنمائي، اي آءِ ليبارٽريون قائم ڪن. هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاڪستان کي گهرجي ته هٽرادو ڏاهپ بابت قومي تعليمي فريم ورڪ تيار ڪري. اسان وٽ گهڻا شاگرد هٽرادو ڏاهپ استعمال ڪن ٿا، پر انهن کي ان جي اخلاقي استعمال، ڊيٽا سيڪيورٽي، حوالن جي درستگي ۽ علمي ايمانداري بابت ڄاڻ گهٽ آهي.

هڪ ٻي اهم ڳالهه ”ڊيجيٽل اٽبرابري“ جي آهي. شهري يونيورسٽين جا شاگرد جديد هٽرادو ڏاهپ اوزارن تائين پهچ رکن ٿا، جڏهن ته ڳوٺاڻا ۽ غريب شاگرد اڃا بنيادي انٽرنيٽ سهولت کان محروم آهن. جيڪڏهن هٽرادو ڏاهپ کي انصاف سان لاڳو نه ڪيو ويو ته تعليم ۾ نئين قسم جو طبقاتي فرق پيدا ٿي سگهي ٿو، ان ڪري حڪومتن کي گهرجي ته ڊجيٽل انفراسٽرڪچر، سستي انٽرنيٽ، مقامي ٻولين ۾ هٽرادو ڏاهپ جا اوزار ۽ استادن جي تربيت تي سيڙپ ڪن.

هٽرادو ڏاهپ جو هڪ وڏو فائدو تحقيق ۾ به سامهون اچي رهيو آهي. هاڻي هٽرادو ڏاهپ ڊيٽا اينالائسس، ادبي جائزي، حوالن جي ترتيب، تصويري تجزئي، موسمي تبديلي، زرعي بيمارين، صحت، بايو ٽيڪنالاجي ۽ سماجي سائنس جي تحقيق ۾ مدد ڪري رهي آهي. ڪيترائي سائنسدان هاڻي هٽرادو ڏاهپ جي مدد سان نيون دوائون، فصلن جون بيماريون ۽ ماحولياتي مسئلن جا حل ڳولي رهيا آهن.

اعليٰ تعليم ۾ هٽرادو ذهانت (AI) جي اچڻ سان روايتي تدريسي طريقا بہ چئلينج هيٺ اچي ويا آهن. هاڻي صرف يادگيري تي ٻڌل امتحانن جي اهميت گهٽجي رهي آهي. دنيا جون يونيورسٽيون ”اوپن بڪ،“ ”وائوا،“ ”پروجيڪٽ بيسڊ لرننگ“ ۽ ”حقيقي مسئلن جي حل تي ٻڌل تشخيصي نظام اختيار ڪري رهيون آهن. برطانيا ۽ يورپ جي تعليمي ماهرن خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن امتحاني نظام تبديل نہ ٿيو تہ هٽرادو ذهانت روايتي امتحانن جي ساک کي متاثر ڪندي.

زرعي يونيورسٽين لاءِ هٽرادو ذهانت هڪ وڏي نعمت بڻجي سگهي ٿي. سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جهڙا ادارا هٽرادو ذهانت ذريعي فصلن جي بيمارين جي اڳڪٿي، پاڻيءَ جي انتظام، زمين جي تجزئي، موسمي خطري ۽ زرعي توسيع جي نظام کي جديد بڻائي سگهن ٿا. هٽرادو ذهانت تي ٻڌل ”اسمارٽ ايگريڪلچر“ پاڪستان جي خوراڪي سلامتي لاءِ انتهائي اهم آهي.

ساڳئي وقت هٽرادو ذهانت ٻولين جي دنيا ۾ بہ انقلاب آڻي رهيو آهي. هاڻي سنڌي، اردو ۽ ٻين مقامي ٻولين ۾ ترجمو، تقرير، وائس ٽيڪنالاجي ۽ مواد تخليق جا امڪان وڌي رهيا آهن. جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ هٽرادو ذهانت تي ڪم ڪيو وڃي تہ آن لائن تعليم، ڊجيٽل لائبريريون، آواز تي ٻڌل سکيا ۽ مقامي علم جي تحفظ ۾ وڏيون تبديليون اچي سگهن ٿيون.

پر هڪ انساني الميو اهو بہ آهي تہ جديد ٽيڪنالاجي جي گوڙ ۾ ڪيترائي ماڻهو ”معنيٰ“ وڃائي ويهن ٿا. يونيورسٽيون صرف ڊگريون ڏيڻ جا ڪارخانا نہ هجڻ گهرجن. جيڪڏهن هٽرادو ذهانت صرف پيداوار، رفتار ۽ نمبرن تائين محدود رهي تہ پوءِ تعليم جو روح ختم ٿي ويندو. تعليم جو اصل مقصد انسان کي شعور، اخلاق، سماجي ذميواري، محبت، رواداري ۽ انسانيت سيکارڻ آهي. هٽرادو ذهانت کي بہ انهيءَ انساني فلسفي سان ڳنڍڻ ضروري آهي.

اڄ جو شاگرد صرف نوڪري ڳوليندڙ نہ، پر مستقبل جو سماج ٺاهيندڙ آهي. جيڪڏهن اسان هٽرادو ذهانت کي انسانيت سان گڏ استعمال ڪيو تہ اها غربت گهٽائڻ، علم وڌائڻ، تعليم کي سستو ۽ عالمي رسائي وارو بڻائڻ ۾ مدد ڪندي، پر جيڪڏهن هٽرادو ذهانت رڳو واپار، ڪنٽرول ۽ مقابلي جو اوزار بڻي تہ پوءِ سماجي اڻبرابري، بي روزگاري ۽ فڪري بحران وڌي سگهن ٿا.

يونيسڪو ۽ عالمي تعليمي ادارا بار بار ان ڳالهہ تي زور ڏئي رهيا آهن تہ هٽرادو ذهانت کي ”انساني مرڪز“ واري فلسفي سان لاڳو ڪيو وڃي، جتي شفافيت، انصاف، رازداري، انساني حق ۽ اخلاقي ذميواري بنيادي اصول هجن.

اسان جي سماج ۾ اڃا بہ ڪيترائي استاد ۽ والدين هٽرادو ذهانت کان ڊڄن ٿا. پر تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هر نئين ٽيڪنالاجي سان شروع ۾ خوف جڙيل هوندو آهي. اصل حڪمت ان کي سمجهڻ، سکڻ ۽ ذميواري سان استعمال ڪرڻ ۾ آهي. جيڪڏهن اسان هٽرادو ذهانت کي رد ڪنداسين تہ دنيا جي علمي ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي وينداسين. جيڪڏهن بغير سوچ جي ان کي قبول ڪنداسين تہ اخلاقي بحران پيدا ٿيندو. ان ڪري متوازن، باشعور ۽ انسان دوست رستو اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

اڄ سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ جو شاگرد بہ موبائل فون ذريعي دنيا جي بهترين علم تائين پهچي سگهي ٿو. هڪ غريب شاگرد هٽرادو ذهانت ذريعي انگريزي سکڻ، ريسرچ ڪرڻ، پروگرامنگ سکڻ ۽ عالمي يونيورسٽين جا ليڪچر ٻڌڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهي ٿو. اها تبديلي صرف ٽيڪنالاجي نہ، پر ”علمي جمهوريت“ جو نئون دور آهي.

مستقبل ۾ اعليٰ تعليم ۾ اهي يونيورسٽيون ڪامياب هونديون جيڪي هٽرادو ذهانت کي صرف مشين نہ، پر انساني ترقي جي ذميوار اوزار طور ڏسنديون. جتي استاد رهنما هوندا، شاگرد تخليقڪار هوندا ۽ ٽيڪنالاجي انسانيت جي خدمت ڪندي. ”ماڊلز کان معنيٰ پرئي عمل تائين“ جو اصل مطلب بہ اهوئي آهي تہ هٽرادو ذهانت کي رڳو سافٽ ويئر طور نہ، پر سماجي ذميواري، علمي ايمانداري ۽ انساني بهتريءَ جي فلسفي سان جوڙيو وڃي.


جيڪڏهن پاڪستان جي ٻين صوبن خاص سنڌ جي يونيورسٽين هن موقعي کي سمجهي ورتو تہ هٽرادو ذهانت علم، تحقيق، زراعت، صحت، معيشت ۽ سماجي ترقي ۾ نئين دور جي شروعات ڪري سگهي ٿي. پر جيڪڏهن اسان اڃا بہ پراڻن طريقن، خوفن ۽ بي عملي ۾ ڦاٿل رهياسين تہ دنيا اڳتي نڪري ويندي ۽ اسان رڳو ڏسندا ئي رهجي وينداسين.

وقت جي ديوار تي لکيل لفظ صاف آهن: مستقبل انهن قومن جو هوندو جيڪي علم، ٽيڪنالاجي ۽ انسانيت کي گڏ ڪٽي هلنديون. هٽرادو ذهانت جو دور اچي چڪو آهي. هاڻي فيصلو اسان کي ڪرڻو آهي تہ اسان ان جا صرف صارف بڻجنداسين يا تخليقڪار، رهنما ۽ ذميوار معمار.“ ■

هوٽل تي ويندو تہ سدائين سبزي گهرائيندو.
چيائين، ”پينديون ڪڏهن بہ بورجوازي نٿيون ٿي سگهن!“

# ڪامريڊ ولڻ وَنگاري

امتياز ابڙو





ڪامريڊ کي ننڍپڻ ۾ ماستر سبق پڙهڻ لاءِ نہ چوندا هئا، چو تہ جنهن نموني ۾ هيءُ سبق پڙهندو هو... اهو سيني لاءِ سبق هوندو هو!

محبت ۾ بہ ناڪام ٿيو تہ الزام حڪومت تي هنيائين!

پنهنجي پروفيشن سان ايترو سچو جو رڳو قميص بدلائڻ تي ايتري محنت ڪندو، ڄڻ قميص نہ، پر سماج پيو بدلائي!

جڏهن بہ ڪنهن جي خلاف آواز اُٿاريندو آهي تہ سندس گلو ويهي رهندو آهي!

چيائين، ”اسان جي ملڪ ۾ ايترو ظلم آهي جو پڪوڙا پليٽ ۾ رکي هٿ ڌوئڻ ٿو وڃجي... تيسين سڀ کاڄيو وڃن!“

هر ڳالهہ ۾ شڪ ڪندو آهي، ايترو جو پنهنجي خزانچيءَ لاءِ بہ هڪڙو خزانچي رکيو اٿس.

هڪڙي دفعا هوٽل تي وياسين تہ پاڄيءَ ۾ لوڻ ڪجهہ گهٽ اچي ويو هو... چيائين، ”سامراجي قوتون اسان جي خلاف ڪم ڪري رهيون آهن!“

هوٽل تي ويندو تہ سدائين سبزي گهرائيندو.

چيائين، ”پينديون ڪڏهن بہ بورجوازي نٿيون ٿي سگهن!“

پڇيوسين، ”انب ڇو نٿا کائو؟“

چيائين، ”سنڌ جا انب هاڻي اندروني تضادن جو شڪار آهن!“

پڇيمانس، ”ڪامريڊ، شادي ڇو نٿا ڪريو؟“

چيائين، ”شاديءَ کان پوءِ مڙس زال جي ڪالوني ٿي ويندو آهي!“

پڇيم، ”توهان جنهن سان پيار ڪيو، ان سان شادي ڇو نہ ڪئي؟“

چيائين، ”اها منهنجي فيوڊل محبوبا هئي... ۽ هن جا مائيٽ سدائين استحصال جون ڳالهيون ڪندا هئا!“

۽ پوءِ هڪڙو ڏينهن اهڙو آيو جو نيٺ گونگو قابو ٿيو..

اڄڪلهہ اسان جو هي دوست دل جو مريض آهي، ان ڪري سندس زال هن کي ٻين سيني زالن کان پري رکندي آهي!

هڪڙي ڏينهن هڪڙي تقرير ۾ چيائين، ”ملڪ ۾ فريڊم آف اسپيچ بلڪل بہ ڪانهي... زال سان موبائيل تي ڳالهائڻ لاءِ بہ پهرين پيڪيج ٿو وٺڻو پوي!“ ■

# پيدا ٿيندڙ نئون عالمي توازن

تحرير: رابرٽ ڪيگن

ترجمو: اظهر آزاد مغل



اهو تصور ڪرڻ مشڪل آهي تہ جديد تاريخ ۾ آمريڪا کي اهڙي ڪنهن جهيڙي کي منهن ڏيڻو پيو هجي، جنهن ۾ ان کي اهڙي فيصلا ڪُن ۽ ناقابل تلافي شڪست جو خطرو هجي، جهڙو ان کي موجوده ايران بحران ۾ نظر اچي رهيو آهي. عام طور تي آمريڪا پنهنجي ماضيءَ جي وڏين جنگين ۾ _ چاهي اها پرل هاربر کان پوءِ ٻي عالمي جنگ هجي، ويٽنام جنگ هجي يا افغان جنگ _ جن ۾ ان جيتوڻيڪ وڏو نقصان ڪاڏو، پر آخرڪار پنهنجي عالمي طاقت ۽ اثر رسوخ کي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين بحال ڪيو.

هن جهيڙي ۾ جيڪڏهن آمريڪا کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو تہ اها ان لاءِ رڳو عسڪري شڪست نہ هوندي، پر عالمي طاقت جي توازن ۾ هڪ بنيادي تبديلي جي شروعات پڻ هوندي. آبنائي هرمز جهڙي اسٽريٽجڪ گذر گاهہ تي ايران جو اثر رسوخ برقرار رهڻ جي صورت ۾ نہ فقط عالمي توانائي جي آمد و رفت متاثر ٿيندي پر ايران خطي ۾ فيصلا ڪُن طاقت طور اڀري سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ چين ۽ روس جهڙن ملڪن جو اثر وڌيڪ وڌڻ جو امڪان آهي، جڏهن تہ آمريڪا جي پوزيشن نسبتاً ڪمزور ٿي سگهي ٿي.

ماهران صورتحال کي رڳو هڪ علاقائي جهيڙو نہ پر عالمي طاقت جي نئين توازن جي شروعات قرار ڏئي رهيا آهن، جتي آمريڪا جي بالادستيءَ کي پهريون دفعو سنجيده چئلينج درپيش آئي آهي. ان کي سامهون رکندي اهو سوال اهم بڻجي رهيو آهي تہ ڇا آمريڪا پنهنجي روايتي ڪردار کي برقرار رکي سگهندو يا دنيا هڪ نئين گهڻ طرفي نظام طرف وڌي رهي آهي، جتي طاقت ڪجهہ وڏن مرڪزن ۾ ورهائجي ويندي؟

ائين هي جهيڙو فقط ايران ۽ آمريڪا تائين محدود ناهي رهيو، پر اهو عالمي سياست، معيشت ۽ توانائي جي مستقبل جو هڪ اهم موڙ بڻجي چڪو آهي، جنهن جا اثر ايندڙ سالن ۾ پوري دنيا محسوس ڪندي.

(ذريعو: ائٽلانٽڪ انٽرنيشنل)

## ڪاوش دنيا جا 17 سال

اڄ، 17 مئي تي ڪاوش دنيا کي 17 سال پورا ٿيا. 17 مئي 2009ع تي ڪاوش دنيا مئگزين محترم قاضي محمد اسلم صاحب ۽ محترم محمد ايوب قاضي صاحب جن جي رهنمائي ۽ سرپرستيءَ ۾ جاري ڪيو ويو هو. جيڪو روزاني ڪاوش جو هڪ حصو آهي. هن هفتيوار وڏي ڪاميابيءَ سان پنهنجي علمي، ادبي ۽ تاريخي سفر جا 17 سال پورا ڪيا آهن. ايترن سالن تائين لڳاتار شايع ٿي هن ميگزين سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ رڪارڊ قائم ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو اڳ ۾ ايتري عرصي تائين ڪو بہ رسالو جاري ناهي رهي سگهيو. جيڪڏهن محترم قاضي محمد اسلم صاحب، محترم محمد ايوب قاضي صاحب ۽ محترم محمد اطهر قاضي صاحب جن جي لڳاتار رهنمائي، مدد، اتساهہ ۽ دلچسپي هن رسالي جي ٽيم کي نہ ملي ها، شايد هي رسالو ايترو عرصو پنهنجو سفر جاري رکي نہ سگهي ها. هن سفر ۾ اسان پنهنجن انهن ساٿين جي بہ محنتن کي نٿا وساري سگهون، جيڪي مختلف وقتن تي ميگزين جي سٽ جو حصو رهيا.

ڇاٽايل سالن دوران پڙهندڙن ۽ ليکڪن جو بہ جيڪو ڪاوش دنيا کي پيارُ مليو آهي، اهو بہ نہ ڳڻي ٿو سگهجي ۽ نہ ئي ان جو ڪو ملهہ آهي. اسان، ڪاوش دنيا جي سٽ هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪاوش دنيا جو هر پرچو يادگار هجي، ان ۾ اسان ڪيترا ڪامياب ويا آهيون؟ اهو اسان جا پڙهندڙ ئي ٻڌائي سگهندا. بهرحال ڪاوش دنيا اڄ بہ اها ڳالهہ ورجائي ٿو تہ، هي رسالو پنهنجي پڙهندڙن کي جديد علم ۽ ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ سنڌي ادب جي واڌاري وارو ڪردار نيڪ نيتي، خلوص، سچائي ۽ قومي جذبي سان نڀائيندو رهندو. ■ _ انچارج

## بلقان جي ملڪن: البانيا، ڪوسووو ۽ نارٿ ميسيڊونيا جو سفر

# البانيا! الله واهي

عبدالله عثمان موراڻي





اوخرد شهر مان نڪرڻ مهل مون محسوس ڪيو تہ هن شهر ۾ اونهاري جي مند ۾ وڏي رونق ۽ پاڻيءَ سان لاڳاپيل رانديون، ترڻ، ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ ٽپيون هڻي وري اچي اُس ۾ بت سڪائڻ ۽ ان سڄي عمل کي ورجائڻ پنهنجي عروج تي هوندو. ڍنڍ ۾ ٻيڙين تي چڙهي ڍنڍ جو سير ڪرڻ جو ڏنڌو بہ جام هوندو. خير سان اسان اوخرد شهر کي خدا حافظ چئي اتان نڪرڻ جي ڪئي.

اسان جي اڳلي منزل سينٽ نوم جي موناسٽري هئي، جنهن جو اوخرد شهر کان ڪو مني ڪلاڪ ڪن جو رستو هو. گهڻي قدر گاڏي ڍنڍ جي ڪناري جي ويجهو ئي هلندي رهي. ڪيڏي ڪيڏي مهل رڳو روڊ ڍنڍ کان ٿورو پري ٿي ويو ٿي. ڍنڍ جو نظارو انتهائي لاجواب هو. سينٽ نوم جي اها موناسٽري انتهائي وڏي ايراضيءَ تي ڦهليل هئي. اسان گاڏي پارڪنگ ۾ بيهاري، پنڌ ئي پنڌ گهمڻ لاءِ نڪتاسين. آسمان صاف ۽ ماحول ۾ سياري جي آمد وقت واري ٿڌڪار هئي. پهاڙ ۽ ڍنڍ چوڏاري نظر آيا ٿي. اتي لڳو تہ وڻن ۽ ٻوٽن جي پرگهور باقاعدگيءَ سان ڪئي وڃي ٿي. وڻن جا پتا پيلا ٿيڻ شروع ٿي چڪا هئا. موناسٽري جي باغن مان ڪٿي ڪٿي پٿر جي سرن جا ٺهيل رستا ڍنڍ تائين، هيٺ تائين بہ ويا ٿي، جن تي وڻن مان ڇڻيل ڦڪا پن اڏامي رهيا هئا. اوسي پاسي ۾ ڪافي تعداد ۾ ٻيڙيون سياحن جي سهولت لاءِ بيٺيون هيون. پاڻيءَ جو هڪ وڏو تيز وهڪرو ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ شامل ٿي رهيو هو.

اسان اڳتي هلي هڪ عمارت ۾ گهڙياسين، جتي هڪ پادري دروازي جي ٻاهران ويٺل هو. اسان ڏانهن ڏٺائين بہ ڪونہ. نند ۾ پي لڳو. خير، اسان اندر وياسين تہ اتي ڪي پراڻيون قبرون هيون. خردي ٻڌايو تہ، چون ٿا تہ، جيڪڏهن انهن قبرن تي ڪن رکبو تہ قبر ۾ موجود سينٽ جي دل جي ڌڙڪڻ ٻڌڻ ۾ ايندي. مون چيو،هلو ائين ڪري ٿا ڏسون. مون هڪ قبر کي ڪن لڳايو، پر مون کي ڪوبہ آواز ٻڌڻ نہ آيو. شايد انتهائي خاموشيءَ جي ڪري ماڻهن کي ڪَن لڳائڻ کان پوءِ پنهنجي ئي دل جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هجي. بهرحال اها خبر خدا کي.

اسان اتان ٻاهر نڪري آياسين. پادري اڃا اڌ آرامي هو. اسان ڍنڍ جي پاسي وياسين، جتي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين پوز هڻي تصويرون ٿي ڪڍرايون. خردي منهنجون بہ ڪجهہ تصويرون ڪڍيون. واپس اچي اسان سوونيئرس جي ڪجهہ دڪانن جا چڪر ڏنا، جتي دڪان جي مالڪياڻي دڪان جون شيون وڪڻڻ جي لاءِ باقاعدگيءَ سان بارگين ڪرڻ جي موڊ ۾ هئي. اتي هڪ بہ بسون اسڪولي شاگردن جون بہ اچي پهتيون، جيڪي يقيناً مطالعاتي دوري تي آيل هوندا. بهرحال اسان اتان نڪري واپس اچي گاڏيءَ ۾ ويٺاسين ۽ ٿوري ئي دير ۾ باردر پار ڪري نارٿ ميسيڊونيا مان البانيا ۾ داخل ٿي وياسين.

اسان هاڻي البانيا ۾ اوخرد ڍنڍ جي چوڌاري ڦري رهيا هئاسين. نظارو ساڳيو ئي هو، رڳو ملڪ بدليل هو. پوگريدڪ مان گذرندي خردي ٻڌايو تہ، اهو شهر سندس ڪمپني جي پارٽنر اينڊي جو اباڻو شهر آهي. اينڊي، جنهن سان آءٌ پهرئين ڏينهن گهمڻ لاءِ ويو هوس. خردي اتي صلاح ڏني تہ، توکي هن ڍنڍ جي هڪ مخصوص قسم جي ٽرائوٽ مڇيءَ جو ذائقو وٺڻ گهرجي، جيڪا رڳو هن ڍنڍ جي گهرائيءَ ۾ پيدا ٿئي ٿي. مون بہ چيس، پلي، ماني تہ کائڻي آهي، سو بلڪل اها مڇي چکي ڏسبي. ذري گهٽ مني ڪلاڪ کان پوءِ اسان ڍنڍ جي ڪناري ”مالو“ نالي هڪ ريسٽورنٽ تي گاڏي اچي بيهاري. ڪافي وڏو ريسٽورنٽ هو، پر ماڻهو گهٽ ٿي نظر آيا. رڳو هڪ خاندان جا ڪي ڏهاڪو کن ماڻهو ويٺا هيا، جيڪي شايد هڪ جوڙي جي شاديءَ جي سالگرهہ ملهائڻ اچي گڏ ٿيا هئا.

ريسٽورنٽ تي سروس تمام زبردست هئي. ويهڻ سان ئي اسٽارٽر ۾ ڪافي شيون، وري مٿان ڪجهہ مختلف لذيذ کاڌا، جن ۾ اها مخصوص مڇي، مٿان وري ميووَ ۽ چانهہ. پائو حاجي غلام رسول عرف خميسي جي ڳالهہ وانگر تہ، کائي لڌ ٿي پياسين. هن سڄي کاڌي جو بل ڪو تمام گهڻو نہ هو. مون خرديءَ کي چيو تہ، اسان جيڪڏهن اهو کاڌو سيڌن ۾ کائون هان تہ، ان جو بل هتي کان ٽيڻو هجي هان. خردي چيو، هتي جيڪڏهن کاڌي جون شيون مهانگيون ڪندا تہ پوءِ هنن وٽ ڪير بہ نہ ايندو.

اسان کي اتي ريسٽورنٽ تي ئي ذري گهٽ سج لهي چڪو هو. اسان هاڻي تيزيءَ سان ترانا طرف روانا ٿياسين. پهاڙي وادين ۽ گهاٽين مان ويندي هڪ جاءِ تي مون ڏٺو تہ، هڪ همراهہ سندس گاڏي بيهاري پهاڙيءَ جي هڪ ٽڪريءَ تي سج لٿي جي نماز پئي پڙهي. مون اتي سوچيو تہ، البانيا ۾ ڪميونزم جي دور ۾ ڪوچاليهارو سال مذهبي پابندي هئي. ماڻهو گهڻي قدر مذهب کان پري ٿي چڪا هئا، پر جن خاندانن لڪ ۾ پنهنجي مذهبي عبادت جاري رکي، انهن تي ڪو فرق نہ پيو هوندو.

واٽ سان ويندي مون خرديءَ کان پڇيو تہ، نارٿ ميسيڊونيا جي گاديءَ وارو شهر اسڪوپجي ڪيئن آهي؟ هن جي چوڻ مطابق، اتي انهن پاڻ کي وڏو ثابت ڪرڻ لاءِ اتي هرو ڀرو وڏا وڏا مجسما ٺاهيا آهن، جن جي ڪا تاريخي حيثيت ناهي.

اسان رات جو ترانا پهچي وياسين. خرديءَ مون کي هوٽل تي ڇڏيو ۽ وري ٻئي ڏينهن ملڻ جو چئي موڪلايوسين.

....

آءٌ هوٽل تي ٿورو آرام ڪري هڪ دفعو وري شهر ۾ اوسي پاسي جو چڪر ڏيڻ ويس. اڄا شهر ۾ ڪافي رونق لڳي پئي هئي، خاص ڪري سڪندر بيگ اسڪوائر تي. رات جي وقت شهر گهمڻ جو وري هڪ ٻيو ڏيک هجي ٿو. آءٌ ڦري سري پارليامينٽ جي عمارت تائين گهمندو ويس. عمارت رات جي وقت نيري رنگ جي لائيٽس سان سينگاريل هئي. ٿوري دير اتي گهمندو ڦرندو پوءِ مون واپسيءَ جي ڪئي. هڪ هنڌ هڪ پارڪ ۾ ڦوهاري جو پاڻي گلابي رنگ جي لائيٽس جي ڪري ماحول کي تمام گهڻو رومانوي بڻائي رهيو هو. آءٌ واپس هوٽل تي آيس.

هن ڀيري جي سفر جي، ترانا (البانيا) ۾ منهنجي آخري رات هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو خرديءَ سان ترانا شهر گهمي پوءِ شام جو مون کي هوائي اڏي لاءِ نڪرڻو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي، مون هوٽل مان چيڪ آئوٽ ڪري، پنهنجو سفري ٿيلهو هوٽل وارن جي حفاظت ۾ ڏنو. ان ڏينهن خردي مون کي پنڌ ئي پنڌ ترانا شهر جو چڪر ڏيارڻ لاءِ اچڻو هو. مون کي هرو ڀرو جي تڪڙ ڪانہ هئي. آءٌ اڳ ئي هوٽل تان نڪري سليمان پاشا گهٽيءَ ۾ چڪر ڏيندو رهيس. روڊ جي ٻنهي پاسي کان پنڌ هلڻ وارن جي لاءِ رنگ برنگي سرن جو ٺهيل فوٽ پاٿ تمام وڏو ۽ ويڪرو هو، جنهن جي وچ تي ڪافي وڻ پڻ هئا، جيڪي گرمي ۾ پنڌ هلڻ وارن لاءِ ڇانو جو سبب ۽ فرحت بخش هئا. مون دڪانن ۽ اوسي پاسي جا چڪر پي ڏنا تہ خرديءَ جو فون آيو تہ، هو رستي ۾ آهي ۽ جلد ئي پهچي ويندو.

ٿورو اڳتي وڃڻ کان پوءِ مون ڏٺو تہ هڪ وڏي عمر جي، مٿو ڍڪيل سفيد پوش عورت، سياري جي آمد آمد جي ڪري پنهنجي هٿن سان اُن جا سئيٽر، دستانا ۽ ٽوپيون اُڻي رهي هئي، ۽ تيار ٿيل وڪڻڻ لاءِ سندس اڳيان رکيل هئا. حق حلال جي روزي، وندر جي وندر، ۽ نہ ئي ڪنهن جي محتاجي. آءٌ اتي ئي هيس تہ خردي اچي ويو ۽ اسان اڳتي هلڻ شروع ڪيو.

خرديءَ پهريان مون کي ترانا جي سٽي سينٽر ۾ آرٿوڊوڪس گرجا گهر ڏيکاريو، جيڪو چيو وڃي ٿو تہ، بلقان ۽ اوڀر يورپ جي ملڪن ۾ وڏي ۾ وڏو گرجا گهر آهي. ان گرجا گهر جي ٻاهران هڪ مينار هو، جيئن ترڪ فن تعمير جي مسجدن ۾ هوندو آهي. اها ڳالهہ منهنجي لاءِ نئين هئي. اندر ٿورو چڪر ڏنم. گرجا گهر خالي هو. اندر مرتمي ڪم لاءِ اسڪافولڊنگ پڻ لڳل هئي. ماڻهو نظر نہ آيا. اتان ڦري اسان سڪندر بيگ اسڪوائر تي اچي وياسين، جتي آءٌ رڳو رات جي وقت ئي گهميو هوس. ان ڏينهن مون کي پهريون دفعو اهو ڏينهن ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو. اسڪوائر جي ويجهو اوپيرا هائوس، نيشنل هسٽري ۽ البانيا بئنڪ جا عجائب گهر ۽ پپٽ ٿيٽر جون عمارتون هيون. اتي ويجهو ئي چوڌول ۽ چيڪلا پڻ نظر آيا، بلڪل ساڳيا جيڪي پاڻ وٽ ميلن ۾ يا ڪڏهن ڪڏهن شهرن يا ڳوٺن ۾ وقتي طور لڳندا آهن، جن ۾ ڪاٺ جي گهوڙن تي ويهي ماڻهو ڦرندو آهي. مون کي اتي ننڍپڻ ۽ شاهپورجهانيان وارو ميلو ياد اچي ويو ۽ دل چيو تہ هڪ دفعو وري انهن کي آزمائجي، پر وقت گهٽ ۽ مقابلو سخت هو، سو اتي ڪجهہ تصويرون ڪڍي اڳتي وڌڻ جي ڪئيسين.

اوپيرا جي ٻاهران ترانا جي هيش ٽيگ ”آئي لو ٽي“ جي ٻاهران خردي منهنجون ڪجهہ يادگار تصويرون ڪڍيون. اوسي پاسي ۾ هڪ همراهہ پنهنجي وڏي فلوٽ يا بانسري وڄائي ماڻهن کان پيسن جي اميد ٿي ڪئي. اتان کان هلندا اسان اچي ترانا جي نئين بازار ۾ پهتاسين. اها ڇڻ تہ ڍڪ بازار هئي، پر ان جي ڇت ٽڪنڊي ۽ شيشي جي هئي. ٻاهريون اڱڻ اڇين ۽ ڳاڙهين سرن جو هو. ڇت جي ٻاهرين گارڊرس تي گهڻي تعداد ۾ ڪبوتر ۽ پارهيل ويٺل هئا، جن اس جو مزو ٿي ورتو. بازار ۾ مختلف قسم جا دڪان هئا، جيئن سڪن ميون، مصالحن، سووينيئرس، مختلف تيلن، نماز لاءِ مصلا، تسبيحون، تازين ڀاڄين ۽ ميون، ڪاٺ جي ڏوئين جا دڪان شامل هئا.

اسان اتي ويجهوئي هڪ ڪيفيٽيريا تي چانهہ ڪيڪ ۽ ساهي پٽڻ لاءِ اچي ويٺاسين. مايون مرد، ٻار، وڏي رش هئي. ماڻهن سگريٽ پڻ سيني جي ويجهو ويٺي پئي پيتا، جيڪا سگريٽ نہ پيئڻ وارن لاءِ تڪليف واري صورتحال ٿي سگهي ٿي.

بهرحال چانهہ پاڻي ۽ سگريٽن جي دونهين مان واندا ٿي، اسان ترڪ فنِ تعمير جي مسجد نماز گاهہ، جيڪا ترڪي اتي اڏي رهيو آهي، وٽان لنگهندا ۽ ٻاهران ئي ٻاهران ڏسندا اچي ارڙهين صديءَ عيسويءَ ۾ پٿرن سان اڏيل ٽينرس پل تي پهتاسين، جيڪا رڳو پنڌ هلڻ وارن لاءِ آهي. اها پل لين نالي پاڻي جي هڪ وهڪري جي مٿان اڏيل آهي ۽ ان دور ۾ ترانا کي اوسي پاسي جي ٻهراڙيءَ سان ڳنڍيندي هئي، جتان پالتو جانور ۽ ٻيو سامان آندو ويندو هو. اتان گهمندا ڦرندا پوءِ اسان ترانا جي قلعي واري پاسي هلڻ شروع ڪيو، جتي اڄ ڪلهہ ڪافي ريسٽورنٽ، ڪيفيٽيريا ۽ خريداري جا دڪان آهن. مون کي ياد آيو تہ منهنجي ڪليگ بسمير پڻ ان جاءِ جو ذڪر ڪيو هو. پٿر جي سرن جون پٽيون ۽ انهن تي ولڻون چڙهيل، اوسي پاسي ۾ سائيڪلون بيٺل. اسان بہ هڪ پاسي کان اندر اچي وياسين. تمام گهڻا ماڻهو اتي ڪيفيٽيرياز ۽ ريسٽورنٽس تي ويٺل هئا. هن قلعي ۾ هڪ ئي جاءِ تي البانيا جي ثقافت، تاريخ، آرٽ ۽ کاڌن پيتن کي ڏيکاريو ويو آهي. اسان ٿورو اتي گهمي ٻئي پاسي کان نڪري وياسين.

اتان کان پوءِ خردي مون کي هلي جديد 3 ڊي فنِ تعمير جو هڪ نمونو ”دي ڪلائوڊ سو فيوجي موتو“ نالي ڏيکاريو. ترانا شهر ۾ دلچسپ ڳالهہ تہ اتي جنگ جي وقت بچڻ لاءِ ڪافي تعداد ۾ بنڪر ٺهيل آهن، جيڪي ملڪ جي ڊڪٽيٽر اينور هوڪسا جي دور ۾ ٺاهيا ويا هئا. شايد سبب اهو هجي تہ عوام کي ڊيڄاري رکجي تہ اجهو ٿي جنگ لڳي. آخر ۾ خردي مون کي اينور هوڪسا جو گهر پڻ ڏيکاريو، جيڪو مون کي هڪ عام رواجي بنگلو لڳو. خردي وڌيڪ ٻڌايو تہ، اينور هوڪسا جي زال نجمي هوڪسا پنهنجي مڙس جي وفات کان پوءِ هڪ عام شهريءَ وانگر هتي هن شهر ۾ رهندي هئي، جيڪا ڪجهہ سال پهريان گذاري وئي آهي. بلڪل، هر عروج کي زوال آهي ۽ موت برحق آهي.

ڪتابن سان پنهنجي دل لڳندي آهي. واپس ويندي، لين واري پاڻيءَ واري وهڪري جي مٿان هڪ ٻي پل جي پٽين تي هڪ همراهہ تمام گهڻا ڪتاب سجائي وڪڻي رهيو هو. ڪتاب وري انهن جي هيٺان پاڻي، پريان ساوڪ ۽ پهاڙ ماحول کي سهڻو ۽ رومانوي بڻائي رهيو هو.

آخر ۾ مون خرديءَ کان موڪلايو. سندس مهرباني مڃي. هن بہ چيو تہ تنهنجي مهرباني جو تو اسان جي ڪمپنيءَ کي البانيا، ڪوسوو ۽ نارٿ ميسيڊونيا گهمڻ لاءِ چونڊيو. ان وچ ۾ اينڊي جو نياپو پڻ آيو تہ، اسان اميد ڪيون ٿا تہ، توکي اسان جي ڪمپنيءَ سان سفر ڪري مزو آيو هوندو. مون ان جي مهرباني پڻ مڃي. ان کان پوءِ بہ اڃا ڪجهہ وقت هو، سو آءٌ پاڻ هيڏي هوڏي اڪيلو گهمندو رهيس. رستا ڪافي سمجهہ ۾ اچي چڪا هئا.

ان ڏينهن مون پهرئين ڏينهن واري، ساڳئي ٽيڪسي ڊرائيور الدو ناڪو کي چئي ڇڏيو هو تہ، هو مون کي ترانا جي هوائي اڏي تي ڇڏي اچي. آءٌ واپس هوٽل تي اچي، چانهہ جو دور هلائي ئي رهيو هوس تہ الدو ناڪو جو فون آيو تہ، هو پهچي ويو آهي. مون بہ سامان کڻي هوٽل مان نڪرڻ جي ڪئي. الدو ناڪو، البانيا ۾ سفر جا حال احوال ورتا. پڇيائين تہ توکي اسان جو ملڪ ڪيئن لڳو وغيره؟ مون چيس، اوهان جو ملڪ تمام بهترين آهي، پر اڃا دنيا سطح تي اندرريٽيڊ آهي، جنهن کي وڌائڻ ۽ ان جي مشهوري ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. ان تي هو بہ مون سان متفق ٿيو.

ٿورو اڃا اڳتي هلياسين تہ پرسان وارين گاڏين جي ڊرائيورن الدو جي گاڏي ۽ ان جي هڪ ٽائر ڏانهن اشارا ڪرڻ شروع ڪيا. گاڏي بيهاري ڏٺيسين تہ هڪ پاسي وارو ٽائر پنڪچر هو ۽ الدو وٽ ٻيو اسپيئر ٽائر بہ نہ هو. بهرحال هن ذميواريءَ جو مظاهرو ڪندي پاڻ ئي هڪ ٽيڪسي ڪمپني ڏي فون ڪئي ۽ اتي ٽيستائين بيٺو رهيو، جيستائين اهو اچي نہ ويو. ان کي چئبو آهي پيشيوراڻي ذميواري. بهرحال آءٌ ٻي ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي اچي هوائي اڏي تي پهتس، جتي پنهنجي ڪمپنيءَ جي ڪليگ بسمير، سندس گهرواري ۽ ننڍڙي ڌيءَ سان ملاقات ٿي. سندس ڌيءَ پنهنجين ننڍڙين گول گول اکين سان مون کي اچرج مان ڏسي رهي هئي تہ، هي بابا جو دوست ڪير آهي.

بسمير ۽ سندس گهرواريءَ مون کان سفر جي باري ۾ پڇا ڪئي. مون کين حال احوال ٻڌايا. سندس گهرواريءَ جڏهن ٻڌو تہ آءٌ الباسان مان بہ گذريو هوس تہ، مون کان پڇا ڪيائين تہ، اتي تو بالوڪومي الباساني کاڌي. جنهن تي مون کيس چيو، ها بلڪل. پوءِ کلي چيائين تہ، اهو منهنجو اباڻو شهر آهي ۽ اها اتان جي مشهور ڊيليڪيسي آهي.

اسان سيني جي اسٽاڪهوم لاءِ وزايئر جي ساڳئي جهاز ۾ واپسي هئي. منهنجو روح نيون جايون ڏسي، نيون ڳالهيون سکي ۽ سمجهي ڏاڍو خوش هو. مالڪ سائين جا احسان ۽ شڪر. ■



# نثري نظم بودليئر کان رحيمداد جوڳيءَ تائين





جام آدرش



ادب انساني شعور جي ارتقا، سماجي تبديلين ۽ باطني تجربن سان گڏ پنهنجي هيئت ۽ اظهار ۾ به بدلجندو رهيو آهي. جڏهن روايتي شاعري، خاص ڪري وزن، بحر، قافيي ۽ رديف تي ٻڌل صنفون، جديد انسان جي پيچيده داخلي ڪيفيتن، وجودي بحرانن، اڪيلائي، بي معنويت ۽ وقت جي الميي کي مڪمل نموني سمائي نه سگهيون، تڏهن اظهار جي نئين صورتن جنم ورتو. انهن نون تخليقي تجربن مان نثري نظم هڪ اهم ادبي صنف طور سامهون آئي آهي. نثري نظم روايت کان انڪار نه، پر اظهار جي توسيع آهي. اها شاعريءَ جي روح کي نثر جي آزاديءَ سان ملائي هڪ نئين جماليات تخليق ڪري ٿي. ان صنف ۾ لفظ محض اطلاع نٿا ڏين، پر تاثر پيدا ڪن ٿا؛ معنيٰ فقط بيان نٿي ٿئي، پر اها پڙهندڙ جي شعور سان جڙجي محسوس به ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري نثري نظم جديد دور جي انسان جي نفسياتي، روحاني ۽ وجودي تجربن جي اهم ترجمان صنف بڻجي ويئي آهي.

نثري نظم جي باضابطه شروعات يورپي ادب، خاص ڪري فرانسيسي ادب ۾ ٿي. فرانسيسي شاعر بودليئر کي جديد نثري نظم جو باني مڃيو وڃي ٿو، جنهن پنهنجي ڪتاب "پيرس جا اداس منظر" وسيلي هن صنف کي ادبي وقار عطا ڪيو. بودليئر وٽ شهري زندگي، روحاني خاليپڻي، حسن، زوال ۽ داخلي اداسي نثري نظم ۾ نئين فڪري صورت اختيار ڪن ٿا. ان کان پوءِ آرٿر ريمبو ۽ اسٽيفان مالارمي نثري نظم ۾ علامت نگاري، تجريد ۽ جمالياتي پيچيدگي پيدا ڪري هن صنف کي فني بلندي ڏني. پوءِ اهو وهڪرو عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ادب تائين پهتو.

اردو ۾ ن م راشد ۽ ميراجي آزاد نظم سان گڏ نثري نظم جي جديد روايت کي فڪري سگهه ڏني. سنڌن شاعريءَ ۾ داخليت، نفسياتي ڪيفيتون، وجودي سوال ۽ علامتي اظهار جديد نظم کي نئين معنويت بخشي. سنڌي ادب ۾ جديد شعري لاڙن سان گڏ نثري نظم به هڪ سگهاري تخليقي صنف طور اڀريو آهي، جتي شاعرن داخلي ڪرب، سماجي اوپرائپ، وقت جي بيرحمي، ۽ انسان جي داخلي ڀڃ ڊاهه کي علامتي انداز ۾ پيش ڪيو.

جديد نثري نظم رڳو صنفي آزادي يا فني تجربو نه پر اظهار جي نئين بناوت آهي. هتي شاعر ٻاهرئين دنيا جو بيان گهٽ ۽ باطني ڪيفيتن جي دريافت وڌيڪ ڪري ٿو. هيءَ شاعري جوابن بدران سوال پيدا ڪري ٿي ۽ وضاحت بدران تاثر ڇڏي ٿي. جديد نثري نظم ۾ انسان اڪثر اڪيلو، بي گهر، بي يقين ۽ وجودي سوالن ۾ وڪوڙيل نظر اچي ٿو. وقت، ياد، درد، محبت، محرومي ۽ سڃاڻپ جا بحران هن شاعريءَ جا اهم حوالا آهن.

رحيمداد جوڳي جديد سنڌي نثري نظم ۾ هڪ اهم ۽ حساس آواز طور سامهون آيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ داخلي زخمن جي گرمي، وجودي اڪيلائي، محبت جو الميو ۽ فڪري ادراڪ گڏجي هڪ منفرد شعري ڪائنات تخليق ڪن ٿا. سندس نظم جي هڪ سٽ آهي "آئون ٻيهر اڪيلو ٿي رهيو آهيان." هي صرف اڪيلائيءَ جو بيان ناهي پر وجودي تقدير جي سڃاڻپ آهي. "ٻيهر" جو لفظ انساني اڪيلائيءَ جي دائميت ڏانهن اشارو ڪري ٿو. "اڪيلي ٿيڻ جي ڪا موسم ناهي هوندي." هيءَ سٽ فلسفاڻي ادراڪ جي انتها آهي. اڪيلائي هتي عارضي احساس نه پر انساني وجود جو مستقل سچ بڻجي اڀري ٿي.

"هوءَ مون کي زندگيءَ جي ڦاسي گهاٽ تي چاڙهي هاڻ چوي ٿي،
پاڻ ٻئي جنم ۾ ملنداسين."

اهو اظهارِ محبت، طنز، اذيت ۽ وجودي الميي جو انتهائي اثرائتو سنگم آهي. "ڦاسي گهاٽ" هتي رڳو تشبيهه نه پر محبت جي تباهي، انتظار جي روحاني صليب جو استعارو آهي. جڏهن ته "ٻئي جنم ۾ ملنداسين" واعدي جي صورت ۾ هڪ المناڪ التوا آهي، جتي وصال به فراق جو ٻيو نالو بڻجي وڃي ٿو.

رحيمداد جوڳي جي شاعريءَ جو وڏو ڪمال اهو آهي ته هو ٿورن لفظن ۾ گهڻي فڪري وسعت پيدا ڪري ٿو. هي اڄ جي انسان جي زخمي روح جو شاعر آهي؛ سندس نظم رڳو پڙهڻ لاءِ ناهن، پر محسوس ٿيڻ جهڙا آهن. هُو نثري نظم کي صرف روايتي شاعريءَ جو متبادل نه ٿو بڻائي پر اُن کي هڪ نئين شعري جماليات، فڪري گهرائي ۽ وجودي معنويت عطا ڪري ٿو. سندس شاعريءَ ۾ درد موضوع نه پر فڪر آهي؛ اڪيلائي حالت نه پر وجود آهي ۽ محبت جذبو نه پر الميو آهي.

رحيمداد جوڳي پنهنجي نثري نظمن وسيلي سنڌي شاعريءَ کي وجودي فڪر، علامتي جماليات ۽ داخلي سچ جي نئين وسعت بخشي آهي. سندس نثري نظم نه صرف جديد سنڌي شاعريءَ جي اهم تخليقي حاصلات آهي، پر اهو عالمي جديد نثري نظم جي روايت سان به ڳنڍيل هڪ شاندار شعري آواز آهي. ■

> نثري نظم جي باضابطه شروعات يورپي ادب، خاص ڪري فرانسيسي ادب ۾ ٿي. فرانسيسي شاعر بودليئر کي جديد نثري نظم جو باني مڃيو وڃي ٿو، جنهن پنهنجي ڪتاب "پيرس جا اداس منظر" وسيلي هن صنف کي ادبي وقار عطا ڪيو. رحيمداد جوڳيءَ جي شاعريءَ ۾ داخلي زخمن جي گرمي، وجودي اڪيلائي، محبت جو الميو ۽ فڪري ادراڪ گڏجي هڪ منفرد شعري ڪائنات تخليق ڪن ٿا.

# وڌندڙ گرميءَ جا پرمافروسٽ تي پوندڙ اثر

الطاف ابڙو



پرمافروسٽ (Permafrost) اُها مٽي آهي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ٻن سال تائين مسلسل ڄميل رهندي آهي. اها بنيادي طور تي اتر آرڪٽڪ ۽ سائبيريا جهڙن علائقن ۾ ملندي آهي. ان ۾ لکين سال پراڻو نامياتي مادو (ٻوٽن ۽ جانورن جون باقيات) ڪاربن جي شڪل ۾ محفوظ آهي. جيستائين اُها ڄميل رهندي آهي، گئسز ٻاهر نه نڪري سگهنديون آهن. ان ڪري ان باقيات کي آب و هوا جي تبديليءَ خلاف قدرتي رڪاوٽ سمجهيو ويندو آهي، پر هاڻي گلوبل وارمنگ سبب اها رڪاوٽ ختم ٿي رهي آهي.

دنيا جي سموري پرمافروسٽ ۾ لڳ ڀڳ 1700 ارب ٽن ڪاربن موجود آهي، جيڪو ماحول ۾ موجود ڪاربن کان ٻه ڀيرا وڌيڪ آهي. اهو ڪاربن هزارن سالن کان پرمافروسٽ جي ڄميل مٽيءَ ۾ قابو آهي، جتي سخت ٿڌ سبب مائيڪروبزان کي ڳاري نه سگهيا آهن. پرمافروسٽ اُنهن علائقن ۾ پکڙيل آهي، جتي مٽيءَ جو وڏو حصو سال ڀر ڄميل رهندو آهي، خاص ڪري آرڪٽڪ، سائبيريا ۽ ٻين ٿڌن علائقن ۾. ان وڏي ڪاربن ذخيري کي هن وقت تائين قدرتي طور تي محفوظ سمجهيو ويندو آهي، پر گلوبل وارمنگ سبب جڏهن پرمافروسٽ پگهرڻ لڳندي آهي ته اهو ڪاربن ٻاهر نڪري ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ميٿين ۾ تبديل ٿي ماحول ۾ شامل ٿي سگهي ٿو.

ان وڏي ڪاربن ذخيري جو ماحول سان مقابلو ڪيو وڃي ته اُهو فضا ۾ موجود ڪل ڪاربن کان تقريباً ٻه ڀيرا وڌيڪ آهي، جنهن سان اُن جو خطرناڪ اثر واضح ٿئي ٿو. جيڪڏهن پرمافروسٽ تيزيءَ سان پگهرندي رهي ته اهو ڪاربن مثبت فيڊبيڪ لوپ پيدا ڪري گلوبل وارمنگ کي وڌيڪ تيز ڪري سگهي ٿو، ڇو ته نڪرندڙ ميٿين ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ طاقتور گرين هائوس گيس آهي.

هن وقت سائنسدانن جو اندازو آهي ته هن صديءَ ۾ پرمافروسٽ مان ڪجهه حصو ضرور نڪري سگهي ٿو، جنهن سان آب و هوا تبديليءَ جو بحران وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿو. ان ڪري پرمافروسٽ کي بچائڻ ۽ گلوبل وارمنگ کي روڪڻ اسان لاءِ انتهائي ضروري آهي.

ان سلسلي ۾ تازوئي ليڊز يونيورسٽيءَ جي سائنسدانن جي هڪ اهم تحقيق مارچ 2026 ۾ ارٿز فيوچر جرنل ۾ شايع ٿي آهي، جنهن تحقيق آب و هوا ۾ تبديليءَ بابت اسانجي سمجهه کي نئون رخ ڏنو آهي.



ان تحقيق ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جيئن جيئن زمين جو گرمي پد وڌي رهيو آهي، پرمافروسٽ (هزارن سالن کان ڄميل مٽي) پگهرندي رهي آهي. اهوُ پگهرڻ رڳو هڪ سادو قدرتي عمل نه آهي، پر ان سان ماحول ۾ ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ، ميٿين ۽ ٻيون خطرناڪ گيسون 25 کان 100 ڀيرا تيزيءَ سان نڪري سگهن ٿيون. اها تحقيق ليبارٽريءَ ۾ پرمافروسٽ جي نمونن تي ڪئي وئي، جنهن ۾ گرميءَ جو درجو مائنس 18 ڊگري سيلشس کان وڌائي 5 ڊگري تائين ڪيو ويو. نتيجو اُهو نڪتو ته مٽيءَ جي پارگميءَ (گيسن کي گذرڻ ڏيڻ جي صلاحيت) ۾ ڊرامائي تبديلي اچي ٿي، خاص ڪري مائنس 5 کان 1 ڊگريءَ جي وچ ۾.

سائنسدانن تجرباتي طور تي ڏٺو ته پگهرڻ دوران مٽيءَ جو ڳاڙهيٽو بدلجي وڃي ٿو، خاص طور تي هڪ مخصوص گرميءَ جي حد ۾ مٽي 25 کان 100 ڀيرا وڌيڪ پارگميءَ واري ٿئي ٿي. ان جي معنيٰ آهي ته ڪاربن ۽ ميٿين جهڙيون گيسون تمام تيزيءَ سان ٻاهر نڪرڻ لڳنديون آهن. اها تبديلي ان ڪري خطرناڪ آهي جو اها هڪ وڌندڙ عمل (پازيٽو فيڊبيڪ) پيدا ڪري ٿي.

آرڪٽڪ علائقو 1979 کان هينئر تائين دنيا جي باقي حصن کان لڳ ڀڳ چار ڀيرا تيزيءَ سان گرم ٿي رهيو آهي. سائنسدانن جو اندازو آهي ته 2050 تائين آرڪٽڪ ۾ 42 سيڪڙو کان وڌيڪ پرمافروسٽ ختم ٿي سگهي ٿو. اهڙي تيز گرمي سامونڊي برف جي پگهرڻ، البيڊو (عڪاسي) ۾ گهٽتائي ۽ ٻين فيڊبيڪ لوپس سبب آهي. انساني صحت تي ان جا سنگين اثر پئجي سگهن ٿا.

پرمافروسٽ پگهلڻ سان رڳو گرين هائوس گيسز نه، پر ريڊان جهڙي تابڪار گيس به نڪري سگهي ٿي. ريڊان هڪ بي رنگ، بنا بوءِ واري گيس آهي. تحقيق مطابق، جڏهن پرمافروسٽ پگهرندو آهي ته ريڊان جي سطح 100 ڀيرا تائين وڌي سگهي ٿي، خاص ڪري تهه خانن وارن گهرن ۾. اها گيس ڦڦڙن جي ڪينسر جو ٻيو وڏو سبب بڻجندي آهي. آرڪٽڪ ۽ سب آرڪٽڪ علائقن جي رهاڪن لاءِ اها صحت جو سنگين خطرو بڻجي سگهي ٿي. ان جا سڄي دنيا ۾ اثر ۽ چيلنج تمام گهڻا خطرناڪ آهن. ■

”اسان کان ڳوٺ جون ڳالهيون ٿا شهر وارا پُڇن/ آهي ڪو ڳوٺ ۾ ، هيڏي جواب اُماڻي جو؟ (شبير سومرو)

# سقراط سيتائي (شبير سومري) جي شاعري

اسان اڳي به لکيو هو ته، هيءُ گم ٿي ويل شاعر آهي، جيڪو سنڌ جي شاعراڻي ميراث ڪٽي، ڪنهن مَٺ ۾ لِڪائي وساري ويهي رهيو آهي. اسان جي ڳولا ته جاري رهي. سندس ڏَس پتو به پڇندا رهياسين، پر هيءَ شاعري، جَا هُو پاڻ کان به چورائي لڪائي ويهي رهيو هو، سا ڏيڻ جي لاءِ تيار نه هو. نيٺ ايلاز اگهاميا ۽ اسان جي ٻوليءَ جي هن بهترين شاعر_ سقراط سيتائي (شبير سومري) پنهنجي شاعراڻيءَ مَٺ ڪي پڳو، ۽ ان مان پنهنجي شاعريءَ جا هي قيمتي سِڪا ڪڍي اسان کي ڏنا، جيڪي پڙهندڙن اڳيان پيش آهن. _ انور

## غزلَ

هُن ڪيو پاڻ زماني جي حوالي مون کي
منهنجي وِڪرڻ تي وري چو ٿي سنڀالي مون کي؟

شهر جي شان کي ليکيو ئي نه ٿي مون ليڪن
ڳوٺ پنهنجو نه ڪيو، هڪ وار هيڪالي مون کي

راتيون رستن کي رضامند ڪندي ٿم گذريون
”سوجهرو سوچ!“ ڪيو عرض اُجالي مون کي

صبح سان سوُنهن جا ڳائي يا وڃي ساز ڪوئي
اِيئن فطرت جي ڪٽي هَنج ۾ پالي مون کي!

ميم الف نون جو ورجاءُ هيو سِٽ سِٽ ۾
ڏاڍو بيزار ڪيو تنهنجي مقالي مون کي!

ڪالهه تائين ته محبّت جي وڏي دعويٰ هئي
اڄ سنديس چئي ٿي پيو شهر هڪالي مون کي

اڄي ٿِي سانجهي اداسيءَ جون اجرڪون اوڍي
۽ لاهي لاش ڪڍي ٿي، سڄي گهراڻي جو

پچار ڪا نه ڪَيَئِين، پيڙجي بلاول ويو
پُتو ٿيڻ نه ڏنائين پروسو به گهاٽي جو

سواد سچ جو ڪڙو آ، تڏهن ته ماڻهن جي
زبان زهر پري ۽ مزاج ماڻي جو

سموري رات اڪيلو جليو ۽ روئندو رهيو
پتنگ پاڙيسري هو ڏيئي اُجهاڻي جو

اڃا ته نينهن جي آهيوَ چوڪراڻي وهي
اوهان کي قدر به کهڙو آ غم پراڻي جو؟

هِتان ڪان سوُنهون اسان جو اُهو ٿئي، جيڪو
اسان جي ڳوٺ جون ڳٽيون وڏيڪ ڄاڻي جو

اسان کان ڳوٺ جون ڳالهيون ٿا شهر وارا پُڇن
آهي ڪو ڳوٺ ۾، هيڏي جواب اُماڻي جو؟

❊

سِڄَّ جا تِرورا جيئن سنڌوءَ سان ڪن
تِيئن مون کي سڄڻ! تو سڃائي ڇڏيو

روز ملجي، ڏهاڙي ڏسي ڏِءُ ڪجي
منهنجِي لالچ آ توکي لڄائي ڇڏيو

نالو ”مخفي“ رکيئي، پيار پڌرو ڪيُئي
اوڙي! زيب النساءُ! تو وڄائي ڇڏيو ❊

تو تي تُهمت ڪڏهن مون نه ڪائي رکي
جيئن به مون کان پُڳو، مون نڀائي ڇڏيو

هڪڙي هند ساهه آ، ٻئي شهر چاهه آ
منهنجي جيئري مون کي پل ورهائي ڇڏيو

اهڙا ڪُونڌر به سِنڌ منهنجيءَ جَڻيا
جن اڳيان ڪاتَ، سِرُ جُهڪائي ڇڏيو

❊ زيب النساءُ_ زيب النساء مخفي، مغل شهزادي شاعره

❊

پاڻ ڪي پاڻ تو تباهه ڪري،
پاڻ ئي ويٺو ”واهه... واهه“ ڪري!

دشمنن کان ته ڪيس ڏِپ ڪونهي
دوست ايندا اٿس جو ڪاهه ڪري!

مِينهن جي مُند، ساٿ ساجن جو
نِينهن سان ڪيئن نه پوءِ نباهه ڪري؟

قاضي قادن اهو چئي پيو سُمهي:
هاڻي جيڪو ڪَري، سو شاهُ ڪري!❊

منزلن جو سراب وِڪ وِڪ تي!
ڇو مسافر سان اِيئن ٿِي راهه ڪري؟

جيڪو دنيا کي سمجهي ويو آهي
ڪيئن دنيا سان پوءِ چاهه ڪري؟

پنهنجا تنهن کي ڏِڪاريندا آهن
پيار ساڻن جو بي پناهه ڪري

❊

حسرتن جون حُجّتون وڏنديون وڃن
خواهشن جا ڪَنيَ ڪمري ۾ اُڏن

چئني ديوارُن تي تصويرون تنگيل
ڇِتِ ۾ آ ڪيرا اڇي ٿاهيا پکين

رات جا ٻارهن، لتا جو مِنڙو سُر
دل جا ٿاڪا هڪيئي پنيان ٿُٽن

مان سندن ئي ناءَ ۾ لُٽبو رهيس
پوءِ به مون کي جيڪڏهن پنهنجو نه ڪن؟

شهر جي رستن تي مان نڪري اچان
تنهنجي يادُن جون جڏهن ڪڙڪيون ڪُلن

ڇڻ ته ڏرتي واڪَ ۾ ورتي اٿن
درد ٿا هِن ديس ۾ اِيئن پيا رهن

جي سچائيءَ ۾ سدا لُٽبا رهيا
چئو انهن کي: ڪجهه ته هاڻي عقل ڪن!

❊

چنڊ جي ڏڳڙيءَ تي تارن جا بصر
ٻارَ ٻُڪَ ۾ پاهه، ڪن نيرن سڄر

ماڻڪين اُپّ تائين مانجهو پئي ڇڪيو
ڪُولهين جا ٻار ڪن ڪاتا ڪڪر

هڪڙي طعني تي متارا وِيا مَري
مَڌُ هو يا زهر؟ نڪتو بي اثر

حُبّ جو سودو نه آ هَٽَ جو وکر
اُلفتن ۾ اُتَر؟، ڪهڙي آ ڪسر؟

گهوٽ کي سرگس ڪرائي ڳوٺ جو
پوءِ به مگڻهارن ڇڏي ناهي پَچَرَ

هارَ تي لِيلان ڪپائي يار کي
مُنهن متو ويني پٽي: ”هائي! حشر!“

منهنجو گهَرُ: خط، ڪتاب، تصويرون
ٻارڙا: ٻڪ، عذاب، تحريرون

تُنهنجا سپنا اُٽي اُٽي مان ٿَڪُس
نه سگهيا ماڻي خواب تعبيرون

واتُ شاعر ڪڏهن جي کوليو ته به
موت ۾ ٿيس نصيب تعزيرون

گهَرَ جون ڪُنجيون ڪِريون الائي ڪاٿي؟
بند بستيءَ ۾ جا باب زنجيرون!

سامُونڊي سڀ سُتا پيا آهن
وڏنديون وَستِيءَ ڏي ٿيون اچن وِيرُون

❊

جواني منهنجي جنريشن کي ائين اڄ ڪلهه گذاري ٿي ❊
ڪري ڪيچل پري ڪان ٿي، اچي ويجهو روئاري ٿي

محبّت ڏوہڪو ڏنڏو، ڪري ٿي دردمندن سان
ڏوئِي ٿي ميرُ من تان ۽ سڄو اندر اُجاري ٿي

جي پاڻي پيرَ ٻوڙ آهي، ته به عاشق لاءِ ڪوڙ آهي
ٻُڏي ٻيڻا ڪري پنهنجا، چوي ٿي: ”تون ڪناري ٿي!“

ڪري ٿي سوڳ ۾ پيي پوڳ، لڳائي روڳ نيارا ٿي
ٿي بخشي جوڳ جيون کي، جياري ٿي نه ماري ٿي

فنا سان فرق ڇا پوندو؟ بقا جي ڇو ٻِکيا گهرجي؟
ڪڍي پيرِي تِي پاڻيءَ مان، بدن جي برف ڳاري ٿي

نکاري نِينهن ٿو بي شڪ، جلائي جِيءُ جرڪائي
لڳي جي قرب جي ڪُندري، نه جي ماري ته ڪاري ٿي

ڪٽي ٿِي پاڻ سان جي ساڻ، پوءِ ساڻو ڪري ماري
ڇڏي وِچ سِير ۾ ٿي ۽ پريان بيٺي پڪاري ٿِي

لڳي هُن جي لغار اهڙي، جو پَنڌ ۾ ڪنڌَ ڪِرندا ويا
سَهيلي نِينهن ناڪيلي وڃي ٿي ۽ قطاري ٿي

■



غلام مصطفيٰ سولنگي

# ميڄتا

ڪجهه ڏينهن اڳ ينگ رائيٽرس فورم پاران حيدرآباد ۾ ٿيل هڪ تقريب ۾ پنجاهه شخصيتن کي سنڌ راڻي امن ايوارڊ ڏنا ويا. هن تقريب جا مک مهمان، اکين جي اسپتال جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر خالد اقبال ٽالپر، نالي وارو ڪالم نگار محمد خان ابڙو، بي بي رفين ٽالپر، شير محمد ٽالپر ، روزاني ڪاوش جو نيوز ايڊيٽر محمد يعقوب سومرو ۽ فرحين مغل خاص مهمان هئا. ايوارڊ ماڻيندڙن ۾ نالي وارو اداڪار منظور مراد، ڪاوش جو نيوز ايڊيٽر يعقوب سومرو، نالي وارو شاعر احساس ميرل، ٻارن جي شاعري



روزاني ڪاوش حيدرآباد جو نيوز ايڊيٽر يعقوب سومرو ايوارڊ وٺندي.



ڪندڙ وفا مولا بخش، منظور دانش ۽ ٻيا شامل هئا. ينگ رائيٽرس فورم سنڌ جي چيئرمين غلام مصطفيٰ سولنگي ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته، هي ايوارڊ ڏيڻ جو مقصد زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ بهتر ڪم ڪندڙن جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي. تقريب کي يعقوب سومرو، محمد خان ابڙو، فرحين مغل ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

هن ايوارڊ تقريب ۾ ديبا سحر، برڪت فقير، سرمد اياز، بهادر لاشاري، دانش منظور، سميره علي، صنم علي ۽ ٻين پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. هن پروگرام جي ڪارروائي سنڌ جي ممتاز ڪمپيئر، ليکڪ، شاعر ۽ ريڊيو پاڪستان جي اڳوڻي پروڊيوسر نصير مرزا هلائي. ■

## عمره زائرين جي لاءِ منعقد ٿيل تقريب



ڪراچي ۾ تازو عمره سيمينار 1448هه جي پُروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ٽريول ۽ ٽور ازم جي شعبي سان لاڳاپيل شخصيتن، ايجنٽن ۽ معزز مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ميزاب گروپ پاران تقريب ۾ گروپ جي ڊائريڪٽر شاهد محمود انور، امتياز الرحمان چوڌري ۽ سيني ايئرلائينز جي ڪنٽري مينيجرن خاص شرڪت ڪئي ۽ خطاب ڪيو. معزز مهمانن پنهنجين تقريرن ۾ ميزاب گروپ جي ڪاوشن کي واکاڻيندي عمره سروسز جي واڌ ويجهه ۽ زائرين کي بهتر سهولتون ڏيڻ جي اهميت تي زور ڏنو. جڏهن ته اسلامي ملڪن جي وچ ۾ سهڪار وڌائڻ جي ضرورت تي پڻ روشني وڌي. پروگرام ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ايجنٽن ۽ ڪمپنين ۾ ايوارڊ، سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون پڻ ورهايون ويون.

مقررن چيو ته هن قسم جون تقريبون ادارن جي حوصلا افزائي سان گڏو گڏ شعبي جي معيار کي پڻ وڌائين ٿيون. تقريب جي پڄاڻيءَ تي پروگرام منعقد ڪندڙن سيني مهمانن جو ٿورو مڃيو ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ته اڳتي به زائرين کي معياري ۽ بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ جي لاءِ خدمتون جاري رکيون وينديون. ■

## هن هفتي جو شاعر

# امر ساهڙ



هر شاعري پاڻ وٽ موجود ٻوليءَ جي ذخيري، تخليقي طاقت، مشاهدي ۽ فني ڄاڻ جي بنياد تي شعر تخليق ڪري ٿو، ۽ ڪو انهن مان امر ٿي وڃي ٿو، ڪو واٽ تي ويهي رهي ٿو. شاعريءَ جو قافلو بيهي ان جو انتظار نٿو ڪري، پل ته اهو قافيي ۽ رديف جو ڪيڏو به ماهر هجي. امر ساهڙ به پنهنجي صلاحيت ۽ ڏات وارو شاعر آهي. وٽس جا تخليقي سگهه آهي، سا ڪائنس هھڙا طويل ۽ مختصر غزل لکرائي ٿي. ٿر جي گرم ترين علائقي ۾ هر وقت وسڪاري جي انتظار ۾ ويٺل هي اسان جا پيارا شاعر، ههڙي شاعري ڪري پنهنجي دل نٿا وندرائين ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي جي دل وندرائڻ جي لاءِ هي شعر لکن ٿا، پر هو سماجي حقيقت نگاري لکي هڪ دور جي، شعر ۾ تاريخ لکن ٿا. ائين پنهنجي، باشعور فرد هئڻ واري ذميواري نڀائين ٿا.__ انور

### غَزل

وقت جو ويرُ، مون سان رهيو ئي رهيو
ڦند ۽ ڦيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

ڪا خوشي ڪانه ترسي سگهي پل، گهڙي
دَردُ ڳچ ديرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

پاءُ بٽجي نِيايَمُ پَٽي جنهن سان
سو سَوا سيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

وَصُلَ جَي واءُ ناهي ڪئي وَرڻَ جِي
هِجرُ ئي هيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

هاڻ ڪا هيڪلائي ڏَنگي ڪانہَ ٿِي
سنڌ جو سَئيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

سڀ ستارا تَڪيندا رهيا ڏُور ڪان
چنڊُ چَئوڦيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

نفرتُون نانگ ڪارا هُيون مگر، ڪنهن
گُهورَ جو گهيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

رات ڪاريءَ وِڏي روشنيءَ تي بندش
پر صُبحُو سَويرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

عشق هر آرزوءَ جِي رکي آبرُو
شوق جو شيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

بي وَڙي، بي مُحابي زماني سَندو
مَدي ۽ ميرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

تون به ناهين نَڪِي ياد تنهنجي رهي
پوءِ هِيءُ ڪيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو ؟

ڪنهن به احساس ڪان آشنا ڪونہ هو
ڄڻ مِٽيءَ ڍيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

تون هُئينءَ همسفر مگر مون کي لڳو
گوشئہ غيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

هارَ يا جيت ۾ حوصلي جيئن ئي
مُڙس ڪو مَتيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

سُورَ سِرَ تي سَهي، خوف، خطرا ڪٽي
ڪو پَٽو بغيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو

ديسُ زخمي ڏسي رُوحُ ڦَٿڪِي پيو
امر! هِيءُ انڌيرُ، مون سان رهيو ئي رهيو.

❊هيرُ: هن دفعي /هن سال

❊

ڇا ته ڇيڙي هُئي ڇاڇَري ۾
دَردَ ڏُنِ ڪا نَئين دادِرِي ۾

مورَ ڪيڙوءَ جيان ماٿِريءَ تي
گُل بَدنُ نينگِري گهاگِهرَي ۾

عشق جي مَشُق آسان ڪونهي
ڇو پَيو آن مِيان! مامِرَي ۾

رَنگَ تُنهنجَي رَئي جا ڏِنا مُون
ڏُورُ آڪاسَ تي ڏانِگڙي ۾

جُهورُ ٿِي آ وَيو جَڙدُ جويَن
پيٽَ جَي ئِي پرين! پانپِرَي ۾

سُرمَئي شامَ جهڙي جَواني
ٻانهَن لوڏي لٽي ساڪِرَي ۾.

راتَ ڪنهن چَندَ جَي چانڊنيءَ ۾
گيتُ جُهونگارُيو جَهانگِرَي ۾

هُو وِساري وِيو واسطَن کي
امر آهي اڃان آسِرَي ۾

❊جهانگرو ٿر جي ڪنٽي جو ڳوٺ

❊

ڪو اميرُ ٿِئي ته؛ ٿِئي ڪٽي
بي ضميرُ ٿِئي ته؛ ٿِئي ڪٽي

ڪنهن ڪُنواريءَ قاتل اک جو
ڪو اسيرُ ٿِئي ته؛ ٿِئي ڪٽي

رَئيسُ ٿيڻ جي ريسَ گهٽي آهي
ڪو فقيرُ ٿِئي ته؛ ٿِئي ڪٽي

پاڻ ديسَ جا ڏُک ڏُوجي ڪنيا
ڪو وزيرُ ٿئي ته؛ ٿئي ڪٽي

پاڻ پُر اُميد آهيون پرهَ ٿيندي
ڪو دلگيرُ ٿِئي ته؛ ٿِئي ڪٽي

اهلِ سِتمَ جي تُرم خاني ۾ تحليل
جَي ڪشميرُ ٿِئي ته؛ ٿِئي ڪٽي.

ڌرتيءَ جي دشمن سوچَ جو
ڪو سفيرُ ٿِئي ته؛ ٿِئي ڪٽي

پوءِ پاڻَ کي به قيدُ قبول آ جَي
زلف زنجيرُ ٿِئي ته ٿِئي ڪٽي.

■

## غزل

### انور سانول



ڏِنــــدَ_ آڙين جي ڳوٺ جو ماڻهو
مان نہ ڏاڙين جي ڳوٺ جو ماڻهو

سونهن ساوڪ قدم قدم جتڙي
ڪيت واڙين جي ڳوٺ جو ماڻهو

محبتون مڻَ خريد وينا ڪن
جڻ ڪباڙين جي ڳوٺ جو ماڻهو

بغضَ ساڙيان انا بہ ساڙيان ٿو
مان اُماڙين جي ڳوٺ جو ماڻهو

غيرتون جت ذري ذري جاڳن
ها ڪُهاڙين جي ڳوٺ جو ماڻهو

قرب ڪي قرب سان ڳنڍين جوڙن
مان جُڳاڙين جي ڳوٺ جو ماڻهو

پاڪ دامن هيون ڪنيون جيڪي
تن تہ ڳاڙهين جي ڳوٺ جو ماڻهو

ڪيترو اڳيرو ٿي ’سانول‘ ويو
آهي جاڙين جي ڳوٺ جو ماڻهو

## غزل

### وفا گل محمد جمالي



انتظاري ڪين ڏي سڪرات جيئن
درد جهوريو آ گهڻو هر تات جيئن

موت بهتر جي ملي تنهنجي هٿان
سار تنهنجي ٿي وڃي جڻ ڪات جيئن

آءُ مون ۾ وڃ مون ڪي جهوماءِ اڄ
مُند سانوڻ جِي ۾ تون نغمات جيئن

ايئن نہ ٿئي جو آئون پياسوئي مران
زندگيءَ ڏي وس مٿان برسات جيئن

ڪا امرتا شال مون کي پي ملي
ڪنهن حسينہ جي چيل ڪلمات جيئن

هِيءُ جمالي منتظر تُنهنجو متي!
تون رُني آهين ’وفا‘ ڪان ذات جيئن.

## غزل

### ممتاز علي ٽرواسي



مون مٿان ڪلهہ ڪريون آفتون پي هيون
درد دل تي ڪيون سازشون پي هيون

چانڊني جي وئي رات اڪ تي لڳي
اپ ۾ ڪارا ڪڪر بارشون پي هيون

ڪونہ آهي پتو ڪير ڪاڏي ويو
مون ۾ اعتبار جون عادتون پي هيون


بڪ ۾ آئون اڪيلو سمهين پيس
دوستن جون گهڻيون دعوتون پي هيون

هيڪلو هاڻ ٿو ناڻ تنهنجو وٺي
چوٽ تنهنجون ڪڏهن چاهتون پي هيون

ڳالهہ ڪر اڳيان پيار جو چا ٿيو
هُو مِلي رنج ۾ ڪي راحتون پي هيون.

## غزل

### قاسم خاصخيلي



هاٿي کهڙو سارين ويٺو
لڙڪ اکين مان هارين ويٺو

ڪالهہ هئي جا گذري وئي آ
اڄ تون ڳالهہ، پچارين ويٺو

ساهہ جي سڪ، سمنڊ بڻائي
پاڻ کي پيو ٿو، ڳارين ويٺو

قدر ڪوئي جيئري ڪرين ها
ڪنهن کي پيو ڏيکارين ويٺو

قيمتي پل ويئي گذري قاسم!
کهڙو تن کي پڪارين ويٺو.

## غزل

### امتياز عادل سومرو



اَڪِ اَڪِ جِي آلاڻ، سُجاڻي وِيندو هان
دِل دِل جو دُکُ هاڻ، سُجاڻي وِيندو هان

اُجرا اُجرا ڪَپڙا پائِڻ وارَن جي
مَنَ جِي مان ميراڻ، سُجاڻي وِيندو هان

نَفرَتَ جو پَل زَهرُ ڏِکي ڏي مُرڪَن ۾
لَهجي مان ڪوڙاڻ، سُجاڻي وِيندو هان

راوِي، جِهلَم، سَتلَج ساڻُ گڏائي چِڏ
موُجَن مان مِهراڻ، سُجاڻي وِيندو هان

ڍِيرَ گُلابِي گُلڙَن ۾ پَل ويهُہ لِڪِي
گُلَن جي ڳاڙهاڻ، سُجاڻي وِيندو هان

ڪَهڙَن پِي نَعرن سان ڌوئو سِياسَتَ کي
غيرَتَ جِي گدلاڻ! سُجاڻي وِيندو هان

سَچارَن جي ماتِ مُنجهائِيندِي آهي
ڪُوڙَن جِي واڪاڻ، سُجاڻي وِيندو هان

ڪيڏِين سَرتِين سان بہ گِهٽيءَ مان گُذرِي وَڃُ
تُنهنجِي مان سُرهاڻ! سُجاڻي وِيندو هان

لَهرُن جِي مان لُڇَ پُڇَ سَمجِهي وِيندو هان
چولِين جِي چِڪَتاڻ! سُجاڻي وِيندو هان

دل دل جو مان چَينُ بہ پَرکي وِيندو هان
مَنَ مَنَ جو ماندڻ، سُجاڻي وِيندو هان

اَڳِ ۾ ليڊَرا سَمجهہ ۾ اِيندِيُون ڪونہ هُيُون
تُنهنجون ڳالهيُون هاڻ، سُجاڻي وِيندو هان

سنڌ ثقافَت وارِي اڪ سلامَت آ
پوتِي، پَڳِ پَهراڻ، سُجاڻي وِيندو هان .

ڌرتيءَ کي سِرُ سَرتِيءَ کي تو ساهُ کَپي
عاشق ۽ اڳواڻ! سُجاڻي وِيندو هان .

اَڄڪَلهہ عادلُ ڪَنهن جي اوسِيئڙي ۾ آ
اَکڙِين مان اُهڃاڻ، سُجاڻي وِيندو هان!

## غزل

### نماڻو صديق مهيسر



درد دل مان تا اٿن ڪنهن کي چوان
روز ماڻهون تا ڪسن ڪنهن کي چوان

لاش عورت جو پيا گهلن روڊ تي
مرد وينا تا ڏسن ڪنهن کي چوان

بي حيائي انتها تي وئي پڄي
ٻار اغوا تا ٿين ڪنهن کي چوان

ٻاهرين دشمن کي ويندا سين پُڄي
پير پنهنجا تا ڪڍن ڪنهن کي چوان

ماءُ جي هنڌا قتل تا ٻچڙا ٿين
لڱ منهنجا تا ڏڪن ڪنهن کي چوان

درد ڪو هڪڙو هجي منهن ڏئي وڃون
قافلا تي تا اچن ڪنهن کي چوان!

ديس جي حالت ”نماڻا“ هي ڏسي
لڙڪ مون ڪان تا ٽِمن ڪنهن کي چوان!

## غزل

### شيخ نديم



ويا شهادت سان بهادر جنگ ۾
۽ وئي اُجڙي ڪا چادر جنگ ۾

ڪِٿ گهرن ۾ جنگ جو ڌهڪاءُ هو
ڪِٿ ڏسون ٿا شهر ٿيا ٻَر جنگ ۾

ٿهڪ ڳوليا جنگ ۾ ڳوڙها مليا
ٿي ويا پئسا بہ ڪاڳر جنگ ۾

بُک بدحالي وڌي ٿي قهر جي
ڪو نہ آ ٿيندو ڪو واهر جنگ ۾

گلَ ڪوماڻا سمورا امُن جا
۽ مُئا سارا ڪبوتر جنگ ۾

جنگ لفظن سان ڪَٿي هيٺو ’نديم‘
هارجي ڏاڍو تو ڏيڍر جنگ ۾.

## غزل

### مهر فقير



ايڏي چو تہ اٽات نديءَ ۾
خاموش منظر مات نديءَ ۾

ڪير تہ ويو وڌي ڪپ تان
ليي نٿو ڪٿ ڪات نديءَ ۾

ڪاري ڪري ماريائون پوري
اڇلاين لاش رات نديءَ ۾

نٿو ڪو وڙهي نديءَ خاطر
رڳو سنوڻ سات نديءَ ۾

خيال ڪج ماريو نہ وڃين
چورن سندو گهات نديءَ ۾

ڪڏهن ايندو ڏس آب اديون
ڪائجي ماڪي ميوات نديءَ ۾

وري ٿيندي آباد ’مهر فقير‘
ٻي نہ ڪا فڪرات نديءَ ۾

نثري نظم

## باڪ ڦُٽڻ رات جي ڇَٽڻ جو سنيهو آهي

### مُڪيش راجا سُوٿهڙ



پن ڇڻ جي رُت
رُڳو وٽن تي ئي ناهي لهندي
ڇٽڻ ۽ ٽِڙڻ جو عمل
هر جيوت مان گذري ٿو۔
هر ڪاري ٻاٽ پُنيان
هڪ سوجهري جي نويد آهي
باڪ ڦُٽڻ
رات جي ڇَٽڻ جو سنيهو آهي
اهو ڪير محسوس ڪري۔
تہ رات جو درد ڇا ٿيندو آهي!
اسان تہ سدائين
ٽِڙڻ کي ئي محبوب سمجهيو آهي
ڪڏهن ايئن بہ ٿئي
جو ويڇوڙي کي دل سان ڳايو وڃي۔
عمر جي رائيگاني جو
جشن جمالو بہ ٿئي
لاحاصل پٽي کي سيليبرٽ ڪجي
زندگيءَ جي هر پهلو سان پيار ڪجي
جيت کي ٻانهن هار ڪجي
هار سان پيار جو حوصلو ڌارجي
پيهہ واري جڳهہ مان
خاموشي سان نڪري وڃجي
خوش ٿجي تہ
توهان ٻئي لاءِ آسانيون پيدا ڪيون۔
چو تہ هر ڇٽندڙ پن
نئين اُسرندڙ پن لاءِ جڳهہ خالي ڪندو آهي۔

## ميڙ ۾ اڪيلو

### عارف چانڊيو



هن ڀري دنيا ۾ هرڪو اڪيلو آهي
وقت زندگيءَ تي پنهنجا نشان ڇڏي ٿو
گرم جهولا هن جي ڏينهن کي روشن ڪن ٿا
جڏهن تہ رات جي اونداهي
هن جي من کي سڪون بخشي ٿي۔
۽ اوچتو صبح اميد کڻي پهچي ٿو.

## وائي


### دوست علي احمداڻي (پنگريو)

جين مندر جي آڳنڌ تي
تو سان گذري رات
ڪارونجهر جي ڪور تي
ڦُڙ ڦُڙ بادل برسِيا
اُجري ٿِي پرڀات
ڪارونجهر جي ڪور تي
اُوچو ڏُونگر ايئن لڳو
رُوپي جو جڻ ڪات
ڪارونجهر جي ڪور تي
چنڊ ڏٺو توکي پَٽي
جُهڙ مان پائي جهات
ڪارونجهر جي ڪور تي
هُن جي هڪڙي وِڪَ منجهان
مورن ڪاڍِي مات
ڪارونجهر جي ڪور تي.

# ’ڪئڊڪِن کي هر ڪو سڃاڻي ٿو‘

# Everybody knows Kadkin (Kadkina Vsiakiy Zanaet)

سنڌي ترجمو:
بيدل مسرور بدوي



اسڪرپٽ: پاويل واسيلي
مددگار: ايناتولي ويخوتڪو ۽ نتاليا ٽروچي
هدايتڪار: ايناتولي ويخوتڪو ۽ نتاليا ٽروخينسڪو
ڪيمرا مئن: اليگزينڊر شيشولين
سيٽ ڊزائينر: والري يورڪيوِچ
موسيقي: ايگور سيٽخوف
اداڪار: لُڊميلا زئنتيسي وا ۽ گيورگي برخوف
لين فلم اسٽوڊيو ماسڪو
ٺهڻ جو سال: 1977

ڪهاڻي:
ڪُزما ڪئڊڪِن نالي هڪ سپاهي، جنگ تان موٽي، گهر اچي ٿو. ريلوي اسٽيشن تان لهندي، رستي تي ايندي ڪيس ٽن سالن جو هڪ ٻار ملي ٿو. سپاهيءَ کي، ان ٻار جي ماءُ پيءُ کان وڇڙي وڃڻ جو ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو. هو اُن ٻار کي ايئن رستي تي اڪيلو ڇڏي نه ٿو سگهي، ان ڪري ڪيس هنج ۾ کڻي گهر روانو ٿئي ٿو.
اُن سپاهيءَ کي اڳ ۾ به چار ٻار ۽ هڪ زال آهي، جيڪي سندس موٽي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. سپاهيءَ کي پنهنجي ٻارن ۽ گهرواريءَ جو خيال اچي ٿو ته سوچي ٿو ته، ’اهي الائي هن ٻار کي قبول ڪن الائي نه! يا پنهنجي ڳوٺ وارا ڇا چوندا؟‘
هو دل ئي دل ۾ پڇ پڇائيندو نيٺ اچي گهر پهچي ٿو. سندس دل ۾ جيڪي وسوسا پيدا ٿيل آهن، اهي گهر اچي يقين ۾ بدلجي وڃن ٿا. اهي ڳوناٺا يا سندس زال، جيڪا هن جي موٽي اچڻ لاءِ ڪيتري وقت کان انتظار ڪري رهيا هئا، سي سندس ٻانهن ۾ جهليل ٻار کي ڏسي پنهنجي محبت، اُڪير يا شائستگي ڏيکارڻ بجاءِ، هن کان مُنهن موڙي بيهي رهن ٿا.



’مون سمجهيو ٿي... مون کي اهڙين حالتن مان گذرڻو پوندو،‘ هو سوچڻ لڳي ٿو.
اوچتو سندس زال وڏي واڪي ڪيس چوي ٿي:
”تو هن ڇوڪرَ کي گهر آڻڻ جي همت ڪيئن ڪئي آهي؟“
پر هو انهن کي ڪجهه چوڻ بدران ٻار کي گهر ۾ آڻي ٿو، ۽ ان جي پرورش جو فيصلو ڪري ٿو.
ڪُزما اندر ۾ ڏک محسوس ڪري ٿو. هو پنهنجي زال کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.
”اهو منهنجو ڇوڪرو ناهي. اهو هڪ يتيم ٻار آهي.“
”پر تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين،“ سندس زال سمجهي ٿي ته هو جنگ تي وڃڻ بدران ڪٿي شادي ڪري، اُن جو ٻار کڻي آيو آهي.
پاڙيوارا به ساڻس ڪاوڙ جو اظهار ڪن ٿا:
”اسان سڀ سمجهون ٿا... سڀ سمجهون ٿا. پر جيستائين تون اسان کي صاف صاف نه ٻڌائيندين، تيستائين اسان تو کي معاف نه ڪنداسين.“
پوءِ جڏهن سپاهي، سيني کي مُنهن موڙيل ڏسي ٿو ته هو ٻار جي پرورش پنهنجي سِر ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو. هو ڪجهه پڇائي پاڻ ئي ڪيس ڪارائي ٿو. ڪيس وهنجاري ٿو ۽ ڪپڙا پارائي ٻاهر گهمائڻ لاءِ ڪلهن تي ويهاري وٺي وڃي ٿو. پاڙي جون مايون پنهنجن گهرن جي دروازن جي وٿين مان هن ڏانهن نهارينديون رهن ٿيون. مرد پنهنجي منهن طنزيه انداز سان مرڪڻ لڳن ٿا. پر سپاهي انهن سيني کان بي پرواهه ٿي ٻار سان خوش خوش گذارڻ لڳي ٿو. ايتري قدر جو ٻار به ڪيس ”بابا... بابا...“ ڪري سڏڻ لڳي ٿو.
پر پاڙيوارا، سندس زال ۽ سندس وڏو پٽ، ڪيس هر ويلي طنز جا ڏنڀ ڏيڻ لڳن ٿا. ته هڪ ڏينهن هو انهن جي نفرت واري رويي مان مايوس ٿئي ٿو.




۽ جڏهن وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهي ته زال ۽ پٽ کي چوي ٿو: ”مان هن کي يتيمخاني ۾ ڇڏي اچان، پوءِ ته خوش ٿيندءُ؟“
پر اوچتو ٻار بيمار ٿي پوي ٿو. تڏهن هو وڃي اُن پوڙهي عورت کي سڏي ٿو اچي، جيڪا ٻارن جي بيمارين لاءِ ڦيٽو وجهندي آهي، پر اها به ماڻهن کان ٻڌل ڳالهين سبب ايندي ئي پڇڻ لڳي ٿي: ”هن جو نالو ڇا آهي؟“
”توهان نالي کان سواءِ ڪجهه به نٿا ڪري سگهو؟“ ڪُزما ڪاوڙ وچان چوي ٿو.
”اسان مان ڪو به هن جو نالو نٿو ڄاڻي،“ ڪُزما جو وڏو پٽ چوڻ لڳي ٿو.
اهو ٻڌي، پوڙهي عورت اڪيون ٻوٽي، ڇوڪري تي دم ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿي.
پوءِ ڪُزما ٻار کي اسپتال وٺي وڃي ٿو ته اتي به اهي ڇوڪري جو نالو پڇن ٿا.
”مون کي خبر ناهي،“ ڪُزما چوي ٿو.
اوچتو ڪُزما جي زال ۽ پٽ به اسپتال پهچي وڃن ٿا، ۽ ايندي شرط ڪُزما جي زال، دخل تي ويٺل شخص کي چوي ٿي:
”هن جي ڳالهه نه ٻڌو.“
زال جي مداخلت کي محسوس ڪندي، ڪُزما افسوس ڪندي زال کي چوي ٿو:
”ڪجهه رحم ڪر... تون به اولاد واري آهين! مان واقعي سچ ٿو چوان ته هن کي مان رستي تي اڪيلو ڏسي کڻي آيو هوس، الائي ڪنهن جو دلبند آهي....“
سندس زال جي دل ۾ جهُبو پوي ٿو... هڪ پل رڪي هوءَ دخل تي ويٺل شخص ڏانهن وڌي اچي ان کي چوي ٿي:”ڇوڪر جو نالو ساشا آهي ۽ سندس ڇِٽيءَ جو نالو ڪئڊڪن آهي.“



ڪزما خوشيءَ وچان پنهنجي زال کي ڀاڪر پائي ٿو.
ٻار کي علاج لاءِ اندر ڪمري ۾ نيو وڃي ٿو. هي سيئي به ان جي پويان وڃن ٿا. ٿوري دير ٻار کي هوش اچي ٿو ته ڪُزما جي زال ٻار کي پنهنجي ٻانهن ۾ کڻي ٿي. ايئن سيئي خوش خوش گهر ڏانهن روانا ٿين ٿا.
هيءَ هڪ سادي سودي فلم آهي، جنهن ۾ ٻار جي ڏاريي هئڻ سبب، ان جي خلاف سپاهيءَ جي زال، پاڙيوارن، علاج ڪندڙ مائي، توڙي سپاهيءَ جي وڏي پٽ جو ردعمل ڏيکاريل آهي. آخرڪار سپاهيءَ جي زال کي اُن ننڍڙي، معصوم جي حالت تي رحم اچي ٿو وڃي ۽ فلم خيرخوبيءَ سان ختم ٿي وڃي ٿي.
(1989ع جي هڪ ماهوار انگريزي رسالي: ”سوويت فلم“ جي صفحي 27 تان ترجمو ڪيل)■